جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL_

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاھ

جلد 16 | خميس پهرين آڪٽوبر 2026ع بمطابق 18 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 350

پي ٽي آءِ فيصلو ڪري سياست ڪندي يا ڏنڊا کڻي رياست سان وڙهندي؟شرجيل ميمڻ

پيپلزپارٽي هميشہ آزاد صحافت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، صحافين جي لاءِ سيني ڪان وڌيڪ ڪم پيپلزپارٽي ۽ سنڌ حڪومت ڪيو آهي، صحافي ۽ سياسي پارٽي هڪ ئي گاڏي جا ڦيٿا آهن

پيپلزپارٽي هميشہ فراخدلي جو مظاهرو ڪيو، تنقيد برداشت ڪئي، پيپلزپارٽي جي حڪومت گذريل 18 سالن کان بهترين ڪم ڪيا آهن جنهن سان عوام کي تمام گهڻيون سهولتون مليون آهن

سنڌ وزن جي حوالي سان بلاول ڀٽو ۽ سنڌ جي وڏي وزير کي بريفنگ ڏئي چڪا آهيون، نومبر ۾ اطلاعات کاتو سکر ۽ ٿرپارڪر ۾ سنڌ وزن تي ڪانفرنس ڪرائڻ چاهي ٿو جنهن ۾ سموري پاڪستان سميت پرڏيهي صحافين کي گهرايو ويندو

سنڌ وزن ۾ سنڌ حڪومت جا ڪم ڏيکاريندا سين، اسان اهڙا ڪم ڪيا آهن جنهن کي سڄي دنيا ۾ ڀرپور موٽ ملي آهي، صحت جا ادارا، هائوسنگ اسڪيمون ۽ پبلڪ پرائيويٽ منصوبا سڄي دنيا ۾ تعريف جوڳا آهن

هائوسنگ سيڪٽر ۾ دنيا ۾ اسان جو وڏو منصوبو هلي رهيو آهي. مينگروز ۾ گرين ورلڊ بڪ ۾ سنڌ حڪومت جو نالو آيو آهي. سکر ۽ ٿرپارڪر ۾ 2 تقريبون ٿينديون

آڪٽوبر ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي اڳواڻي ۾ اعليٰ سطحي وفد چين ويندو، 15 آڪٽوبر تي شنگهائي ۾ سرمائيڪار ڪانفرنس ٿيندي جنهن ۾ سنڌ حڪومت ڀرپور طريقي سان شرڪت ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ لانگ مارچ سان استحڪام نٿو اچي سگهي، اسان کي خوشي ٿيندي تہ عمران خان آزاد ٿي وڃي. ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ چيو تہ پيپلز پارٽي هميشہ آزاد صحافت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، صحافين جي لاءِ سيني ڪان وڌيڪ ڪم پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت ڪيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ طاس معاهدو هڪطرفي طور تي معطل، ملتوي يا تبديل نہ ٿو ڪري سگهجي: عطاءُ الله تارڙ

سنڌ طاس معاهدو هڪطرفي طور تي معطل، ملتوي يا تبديل نہ ٿو ڪري سگهجي، پاڻي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جو بنيادي ۽ مجيل حق آهي، پارت کي پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي

پاڪستان عالمي قانون موجب پنهنجي قومي مفادن جو دفاع جاري رکندو، سنڌ طاس معاهدي جي حيثيت ۾ هڪطرفي تبديلي جا وسيع تر اثر سڄي دنيا ۾ سرحد پار پاڻين جي انتظام تي پئجي سگهن ٿا

اسان پنهنجي سڃاڻپ سنڌو درياءَ جي پاڻين سان واڳيل سمجهون ٿا، سنڌ طاس معاهدي جي وجود ۾ اچڻ ۽ ٻن ڌرين جي وچ ۾ صحيحن جي وقت شايد اهو تصور بہ نہ ڪيو ويو هوندو تہ ڪجهہ ڏهاڪن ڪانپوءِ اهڙو وقت بہ ايندو

سنڌ طاس معاهدو شرطن ۽ ضابطن جو تعين ڪندڙ قانوني فريم ورڪ آهي ۽ صحيحن ڪانپوءِ ٻنهي ڌرين تي قانوني طور تي لاڳو آهي، جڏهن معاهدي ۾ اهو شرط بہ موجود هجي تہ ان کي هڪطرفي طور تي ملتوي

ختم يا تبديل نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ان سان پاڪستان جي موقف کي قانوني سگهہ ۽ جواز ملي ٿو معاهدي کي نہ تہ هڪطرفي تبديل تي تبديل، ختم يا ملتوي ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ئي ان کي معطل ڪري سگهجي

آگسٽ 2025ع ۾ عالمي ثالثي عدالت پاڪستان جي ان موقف کي قانوني جواز ۽ سگهہ ڏني تہ معاهدي جي حيثيت کي هڪطرفي طور تي تبديل ڪرڻ جي ڪا ڪوشش نہ ٿي ڪري سگهجي

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ سنڌ طاس معاهدو هڪطرفي طور تي معطل، ملتوي يا تبديل نہ ٿو ڪري سگهجي، پاڻي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جو بنيادي ۽ مجيل حق آهي، پارت کي پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي، پاڪستان عالمي قانون موجب پنهنجي قومي مفادن جو دفاع جاري رکندو، سنڌ ط/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پريس ڪانفرنس ڪندي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اربع ڏينهن ڪاروبار جي شروعا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

بينڪن پاران خانگي شعبي کي فراهم ڪيل قرض ۾ هفتيوار بنيادن تي هڪ سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) بينڪن پاران خانگي شعبي کي فراهم ڪيل قرض ۾ هفتيوار بنيادن تي هڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

مڪ دفاعي معاهدي ۾ اهم اڳڀرائي، سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ جو فيصلو

رياض ۾ ٿيل ڪابينہ جي اجلاس ۾ مڪ دفاعي معاهدي جي سيڪريٽريٽ کي قائم ڪرڻ کان علاوه علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي غور ڪيو ويو

اجلاس ۾ آبنائي هرمز، باب المندب، بحيره احمر ۽ عرب عدن ۾ بحري اچ وڃ جي آزادي ۽ تحفظ جي اهميت اجاگر ڪئي وئي

اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ آبنائي هرمز ۾ حالتن کي 28 فيبروري کان اڳ جي سطح تي بحال ڪرڻ جي ضرورت تي بہ زور ڏنو

رياض (م ڊ) سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزادي محمد بن سلمان جي صدارت هيٺ ڪابينہ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

اسحاق ڊار جي صدارت ۾ اجلاس، ڪڻڪ جي درآمد جي انتظامن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

سنڌ جي ڪڻڪ جي باقي رهيل هڪ لک 85 هزار ميٽرڪ ٽن ضرورت جي خريداري جي لاءِ گهٽ ترين بولي/ ٻولين کي قبول ڪرڻ جو عمل اڳتي وڌايو وڃي

گهربل ادائيگين جو وقت سر انتظام ڪن ۽ ٽي سي پي سان نہ ڏريو معاهدو جلد مڪمل ڪن

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت ۾ اجلاس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

وزيراعظم شهباز شريف آمريڪا ۽ برطانيہ جو دورو مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ملڪ واپس پهچي ويو

وزيراعظم شهباز شريف ڏينهن ٻنپهرن جو لوٽن ايئرپورٽ کان پاڪستان لاءِ روانو ٿيو

انهي جي خصوصي اڏام بيلاروس، قازقستان جي رستي سوا 8 ڪلاڪن دوران اسلام آباد پهتي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف 13 ڏينهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

بلاول پاران پارٽي ڪارڪن انور جان ميراڻي جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار

انور جان ميراڻي پارٽي جو اثاثو هو، پارٽي لاءِ سندس خدمتن کي هميشہ ياد رکيو ويندو : بلاول

هن انور جان ميراڻي لاءِ جنت الفردوس ۽ پوئين جي صبر لاءِ دعا پڻ ڪئي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري (پي پي پي) جي جهوني ڪارڪن انور جان ميراڻي جي لاڏاڻي تي گهري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

قطر جي وزيراعظم نيتن ياهو کي جنگي ڏوهاري قرار ڏئي ڇڏيو

دوحا (م ڊ) قطر جي وزيراعظم شيخ محمد بن عبدالرحمان الثاني اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ملڪ جي امن ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ دهشتگردي خلاف ڪارروايون جاري رهنديون : صدر

صدر پاران فتنہ الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

پرڏيهي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن جي ناپاڪ ارادن کي هر قيمت تي ناڪام بڻايو ويندو

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري مير علي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

فاطمہ زهرا مراڪش جي پهرين ۽ عرب دنيا جي ٻي عورت وزيراعظم بڻجي وئي

انهي جي پارٽي گذريل هفتي ٿيندڙ پارلياماني چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي

مراڪش (م ڊ) مراڪش جي شاهہ محمد ڇهين فاطمہ زهرا المنصوري کي ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم مقرر ڪري ڇڏيو آهي. پرڏيهي ميڊيا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

اسلام آباد: وفاقي وزير شزه فاطمہ خواجہ جو شاگردياڻين سان گڏ نڪتل گروپ فوٽو

اسلام آباد: وفاقي وزير عبدالعليم خان اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي جي صنعتي علائقن ۾ انفراسٽرڪچر جي بحالي ۽ بهتري لاءِ 9.282 ارب رپيا منظور ڪيا آهن : مراد علي شاھ

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ اربع تي ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) جي سالياني رات جي ماني 2026ع ۾ بطور خاص مهمان خطاب

صنعت جي حمايت، صنعتي زونن ۾ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ، برآمدات کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪاروبار لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجايو

وڏي وزير ملڪ جي معيشت ۾ ڪيل خدمتن تي ڪاٽي جي قيادت ۽ ڪراچي جي صنعتي برادري جا ٿورا مڃيا ۽ ايسوسيئيشن کي "ڪراچي جو صنعتي آواز" ۽ پاڪستان جي اقتصادي ترقي ۾ هڪ اهم پائيوار قرار ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ اربع تي ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) جي سالياني رات جي ماني 2026ع ۾ بطور خاص مهمان خطاب ڪندي صنعت جي حمايت، صنعتي زونن ۾ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ، برآمدات کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪاروبار لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

قرضن جي بار هيٺيان دٻيل قوم لاءِ حڪومت وڌيڪ قرض وٺڻ جو منصوبو تيار ڪري ورتو

ناڻي واري وزارت 2026ع کان 2028ع تائين جي 3 ورهين جي قرض حڪمت عملي بہ جاري ڪري ڇڏي

قرضن جي بار هيٺيان دٻيل ملڪي معيشت جي لاءِ حڪومت وڌيڪ قرض وٺڻ جو منصوبو تيار ڪري ورتو

وفاقي حڪومت هلندڙ مالي سال بجيٽ خسارو پورو ڪرڻ لاءِ 7 هزار 20 ارب روپيہ قرض وٺندي

اسلام آباد (بيورو) بجيٽ خسارو پورو ڪرڻ جي لاءِ وفاقي حڪومت هلندڙ مالي سال 7 هزار 20 ارب روپين جو قرض وٺڻ جو منصوبو تيار ڪري ورتو آهي. جڏهن تہ ناڻي واري وزارت 2026ع کان 2028ع تائين جي 3 ورهين جي قرض حڪمت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جو ايئرپورٽ جو دورو ڪندي

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جو ايئرپورٽ جو دورو، مسافرن سان ملاقات

ان موقعي تي هن پرڏيهہ ويندڙ مسافرن سان ملاقات ڪري اميگريشن جي طريقيڪار ۽ ڪين فراهم ڪيل سهولتن بابت ڄاڻ ورتي

اضافي عملي جي مقرري سان مسافرن جون ڊگهيون قطارون ختم ٿي ويون آهن. محسن نقوي هدايت

اميگريشن جي عمل دوران مسافرن کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي ۽ سندن مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر)وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڪراچي جي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جو دورو ڪري اميگريشن ڪائونٽرن جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي هن پرڏيهہ ويندڙ مسافرن سان ملاقات ڪري اميگريشن جي طريقيڪار ۽ ڪين فراهم ڪيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

منگلا پاور اسٽيشن جي بحالي، پيداواري صلاحيت 1310 ميگاواٽ تائين وڌائڻ جو منصوبو

منصوبي تي 52 ارب 22 ڪروڙ 43 لک ڪان بہ وڌيڪ لاڳت ايندي جديدڪاري سان 310 ميگاواٽ اضافي پن بجلي حاصل ٿيندي

سرڪاري شعبي جي ترقياتي منصوبن ۾ ان منصوبي جي رقم مقرر ڪئي وئي آهي

بحالي جي منصوبي تحت ان جي بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت 1000 ميگا واٽ مان وڌائي 1310 ميگا واٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) منگلا پاور اسٽيشن کي جديد طريقن سان بحالي جي منصوبن تحت بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت 1000 ميگا واٽ مان وڌائي 1310 ميگاواٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. منصوبي تي 52 ارب 22 ڪروڙ 43 لک ڪان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪراچي ۾ کير جي في ليٽر اگهہ 300 رپيا مقرر ڪرڻ جي ڌمڪي

پيٽرول ۽ ٻين تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب مال پالڻ ۽ کير جي فراهمي جا خرچ وڌي ويا آهن

جيڪڏهن کير جو مناسب سرڪاري اگهہ مقرر نہ ڪيو ويو تہ کير جو في ليٽر اگهہ 300 رپيا ڪرڻ تي مجبور ٿينداسين

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ کير جي واپارين کير جو في ليٽر اگهہ 300 رپيا مقرر ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي. ڊيري فارمرز ايسوسيئيشن جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

گورنر راج پهريان بلوچستان ۾ لڳايو جتي 80 سيڪڙو حڪومتي رٽ ختم ٿي چڪي آهي: شاندانہ گلزار

اسان کي گورنر راج جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. پهريان گورنر راج بلوچستان ۾ لڳايو جتي 80 سيڪڙو حڪومت جي رٽ ختم ٿي چڪي آهي

منهنجي تڪ ۾ روزاني جي بنياد تي دهشتگردي ٿي رهي آهي، ڇا وفاقي گهرو وزير ڪڏهن انهن علائقن ۾ ويو آهي؟

پوليس لائنز ڌماڪي جي انڪوائري اڄ تائين سامهون ناهي اچي سگهي. شاندانہ گلزار

پشاور (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ شاندانہ گلزار چيو آهي تہ گورنر راج لڳائڻو آهي تہ پهريان بلوچستان ۾ لڳايو جتي حڪومتي جي 80 سيڪڙو رٽ ختم ٿي چڪي آهي. پشاور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شاندانہ گلزار چيو تہ اسان کي گورنر راج جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. پهريان گورنر راج بلوچستان ۾ لڳايو جتي 80 سيڪڙو حڪومت جي رٽ ختم ٿي چڪي آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

خيبر پختونخوا ۾ صوبائي حڪومت جي ناڪامي جي صورت ۾ گورنر راج لڳي سگهي ٿو: نيئر بخاري

جيڪڏهن وفاقي حڪومت ان معاملي تي پيپلزپارٽي سان صلاح مشورو ڪيو تہ آئين موجب مشورو ڏنو ويندو

خيبر پختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال بابت خدشا موجود آهن

گورنر راج بابت ڪو بہ قدم آئيني طريقيڪار تحت ئي کنيو وڃي سگهي ٿو

خيبر پختونخوا ۾ صوبائي حڪومت جي ناڪامي جي صورت ۾ گورنر راج لڳي سگهي ٿو

اسلام آباد(بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سيڪريٽري جنرل نيئر حسين بخاري چيو آهي تہ خيبر پختونخوا ۾ صوبائي حڪومت جي ناڪامي جي صورت ۾ گورنر راج لڳي سگهي ٿو. نيئر بخاري چيو تہ خيبر پختونخوا ۾ گورنر راج آئين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

بيرسٽر گوهر ۽ اياز صادق وچ ۾ ملاقات طئي

ملاقات ۾ لانگ مارچ بابت ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ ڳالهيون ٿينديون

ملاقات ۾ ملڪي سياسي صورتحال ۽ پارلياماني معاملي بحث هيٺ ايندا

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق جي وچ ۾ ملاقات اڄ طئي ٿي وئي، ذريعن موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڪچي وارن علائقن ۾ قائم پوليس ڪئمپس شهيد پوليس اهلڪارن جي نالن سان منسوب ڪيا وڃن: فريال ٽالپر

چيئرپرسن فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اعليٰ سطحي اجلاس

ترقياتي منصوبن، سماجي ۽ معاشي بهتري، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ امن امان بابت قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ڪچي وارن علائقن جي ترقي ۽ بحالي حوالي سان ڪمشنر سکر ۽ ڪمشنر لاڙڪاڻو تفصيلي بريفنگ ڏني

ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ، ڪمشنر لاڙڪاڻو، سکر، ڊي آءِ جيز لاڙڪاڻو ۽ سکر شرڪت

ڪراچي (رپورٽر)چيئرپرسن فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اعليٰ سطحي اجلاس سنڌ اسيمبلي ۾ ڪچي وارن علائقن جي ترقي، بحالي ۽ عوامي مسئلن جي حل بابت منعقد ٿيو. جنهن ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

9 مئي ڪيس: جوابدار جو نالو پي سي ايل مان ڪڍڻ جي درخواست رد

جسٽس منور اقبال ڊوگر درخواست تي 6 صفحن تي ٻڌل فيصلو جاري ڪندي قرار

اينٽي ٽيررزم ايڪٽ تحت چالان ٿيل جوابدار جو پاسپورٽ قانون موجب ضبط ٿيل تصور ٿيندو آهي

لاهور(م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ 9 مئي جي ڪيس ۾ نامزد جوابدار جو نالو پاسپورٽ ڪنٽرول لسٽ (پي سي ايل) مان ڪڍڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ميرعلي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، فتنہ الخوارج جا 3 دهشتگرد جهنم حوالي

ميرانشاهہ (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز عزم استحڪام ويزن تحت اتر وزيرستان جي علائقي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

آزاد جمون ڪشمير جي وزيراعظم سان چيئرمين ايم ٽي بي سي جي ملاقات

اسلام آباد (بيورو) ايم ٽي بي سي جي چيئرمين محمود الحق اگاري ڏينهن آزاد جمون ڪشمير جي وزيراعظم بيرسٽر افتخار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

لاهور: نائب امير جماعت اسلامي لياقت بلوچ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪي پي ۾ 5 ۽ بلوچستان ۾ 2 دهشتگرد آپريشن ۾ مارجي ويا

بلوچستان جي چاغي ۾ هڪ آپريشن دوران وڌيڪ بہ دهشتگرد مارجي ويا

باڙا ۾ ڪيل آپريشن دوران مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود هٿ ڪيو ويو

اسلام آباد(بيورو) خيبر پختونخوا جي علائقي باڙا ۾ انٽيليجنس بنياد تي ڪيل آپريشن (IBO) دوران سيڪيورٽي فورسز پنج دهشتگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

دبئي کان اسرائيل ويندڙ جهاز ۾ پائلٽن جو جهيڙو، رٽورٽ، جهاز جي تبوڪ ۾ لينڊنگ

دبئي(م ڊ) فلاءِ دبئي ڪمپني جي تل ابيب ويندڙ فلائيٽ ۾ پائلٽن ۾ جهيڙو، جهاز وڏي تباهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪچي تيل ۽ جنسن جي اگهن ۾ اضافو سون جي اگهہ ۾ گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل ۽ زرعي جنسن جي اگهہ ۾ اضافو جڏهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: چيئرپرسن فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿي رهيو آهي

سعودي عرب جي ولي عهد سان گڏيل عرب امارات جي نائب صدر جي ملاقات، خطي جي تازي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

رياض(م ڊ))سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان سان رياض/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

پنوعاقل ۾ سڱاوتي تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 15 ڄڻا زخمي

هڪ ڌر جا محمد، شريف، محراب، عبدالله، سهراب، محمد ابراهيم ۽ نذيراحمد زخمي ٿي پيا

ٻي ڌر جا پيراڻو، محمد علي، مائي گل بانو، مائي خديجہ، مائي بيگم، مائي رحيمان ۽ ٻيا پڻ زخمي ٿي پيا

پنو عاقل (رپورٽر) پنوعاقل لڳ ڳوٺ الهيار ٽانوري ۾ سڱاوتي جي معاملي تان ٽانوري برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. جنهن ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

مون تي شڪ ڪيو پيو وڃي تہ مان وڪامي ويو آهيان: يوسفزئي روئي ڏنو

پارٽي جو سينيئر ميمبر هجڻ جي حيثيت سان پنهنجا خدشا ظاهر ڪندو رهيو آهي

26 نومبر واري احتجاج دوران بہ هن اهڙن خدشن جو اظهار ڪيو هو

پشاور(م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سيڪريٽري اطلاعات شوڪت يوسفزئي چيو آهي تہ مٿس شڪ ڪيو پيو وڃي تہ هو وڪامي ويو آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

وزيراعظم پاران ميرعلي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ ٽن خارجين کي جهنم پهچائڻ ڪرڻ تي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف مير علي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

لاهور ۾ مريم نواز 10 ڏينهن بسنت ملهائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

25 سال جي معطلي کان پوءِ هلندڙ سال فيبروري ۾ 6 کان 8 فيبروري تائين لاهور ۾ بسنت ملهائي وئي هئي

وزيراعليٰ مريم نوازشريف نئين سال 2027 جي آمد تي لاهورين کي 10 ڏينهن بسنت جو تحفو ڏيڻ جي هدايت

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نوازشريف لاهور جي لاءِ وڏي خوشخبري جو اعلان ڪري ڇڏيو، هن لاهور ۾ 10 ڏينهن بسنت ملهائڻ ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ايف بي آر مانيٽرنگ سسٽم سان نہ جڙندڙ ڪاروباري مرڪز سيل ڪرڻ جو فيصلو

جنهن جي تحت مانيٽرنگ سسٽم سان نہ جڙندڙ رجسٽرڊ ڪاروباري مرڪز جي خلاف ڪارروائي ڪري سگهبي

پروڊڪشن مانيٽرنگ، وڊيو سرويلنس يا ڊجيٽل آئي سسٽم لڳائڻ لازمي هوندو ايف بي آر سسٽم سان نہ جڙندڙ رجسٽرڊ ڪاروبار انهي ڪارروائي جي هيٺيان ايندا

ڪاروبار سيل ڪرڻ جي لاءِ ضرورت پوڻ تي پوليس جي مدد ورتي ويندي. ڪمشنر ان لينڊ روينيو رپورٽ جي بنياد تي ڪارروائي شروع ڪري سگهندو

اسلام آباد (بيورو) ايف بي آر مانيٽرنگ سسٽم سان نہ جڙندڙ ڪاروباري مرڪزن کي سيل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ايف بي آر سيلز ٽيڪس رولز 2006 ۾ ترميم جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي تحت مانيٽرنگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

پشاور: پاڪستان تحريڪ انصاف جي سيڪريٽري اطلاعات شوڪت يوسفزئي روئي رهيو آهي

مير علي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي، 3 خوارجي دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل دهشتگردن کان گهڻي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد پڻ هٿ ڪيو ويو

سيڪيورٽي فورسز بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنہ 3 جي تحت فتنہ الهندستان جي خلاف ڪارروايون ڪيون

سيڪيورٽي فورسز بلوچستان ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهہ جي علائقي مير علي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي دوران 3 خوارجي دهشتگرد مارجي ويا. سيڪيورٽي ذريعن موجب مارجي ويل دهشتگردن کان گهڻي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
خميس پهرين آڪٽوبر 2026ع بمطابق 18 ربيع الثاني 1448هه

جمهوريت يا اقتدار جي جنگ؟

پاڪستان ۾ جمهوريت جو نالو ته هر سياسي جماعت جي زبان تي آهي، پر عملي سياست ۾ جمهوريت جي روح، يعني عوامي مينڊيٽ، آئيني بالادستي، سياسي برداشت، اختلاف راءِ جي احترام ۽ چونڊيل ادارن جي خودمختياري بابت سوال اڄ به موجود آهن. خيبرپختونخوا ۾ وفاق ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ان سوال کي وڌيڪ اهم بڻائي ڇڏيو آهي ته ڇا سياسي اختلافن جو حل واقعي جمهوري ۽ آئيني طريقي سان ڪڍيو ويندو يا اقتدار جي سياسي ڪشمڪش کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو.

تازو ڏينهن ۾ وفاقي حڪومت جي نمائندن طرفان خيبرپختونخوا ۾ گورنر راج يا هنگامي حالت جي آئيني امڪانن جو ذڪر سامهون آيو آهي. قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ جو موقف آهي ته جيڪڏهن آئين تحت اهڙيون حالتون پيدا ٿين ٿيون، جن ۾ گورنر راج يا هنگامي حالت ضروري هجي، ته اهو قدم کنيو وڃي سگهي ٿو. ٻئي طرف پي ٽي آءِ اهڙي ڪنهن به قدم کي سياسي طور قبول ڪرڻ ڪان انڪار ڪندي وفاق تي صوبائي حڪومت ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ جا الزام لڳائي رهي آهي.

انهيءَ سڄي صورتحال ۾ سڀ ڪان اهم ڳالهه اها آهي ته وفاق ۽ صوبي وچ ۾ سياسي اختلافن کي عوام جي مينڊيٽ جي دائري اندر رهندي حل ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن صوبائي حڪومت جي ڪارڪردگي، امن امان، انتظامي معاملن يا آئيني ذميوارين بابت شڪايتون آهن ته انهن جو احتساب قانون ۽ آئين جي مقرر ڪيل ادارن ذريعي ٿيڻ گهرجي. ساڳيءَ ريت جيڪڏهن وفاقي حڪومت تي سياسي دٻاءُ وجهڻ، احتجاج يا لانگ مارچ ذريعي مطالبا مڃرائڻ جون ڪوششون ٿين ٿيون ته انهن بابت به قانوني ۽ جمهوري حدن کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي.

خيبرپختونخوا جي موجوده صورتحال ۾ دهشتگردي جو مسئلو به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. صوبي ۾ امن امان جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي ۽ تازو دهشتگرد حملن ۾ جاني نقصان پڻ ٿيو آهي. وفاقي حڪومت جو موقف آهي ته صوبائي حڪومت کي امن امان جي ذميواري وڌيڪ سنجيدگي سان ادا ڪرڻ گهرجي، جڏهن ته صوبائي حڪومت جو چوڻ آهي ته دهشتگردي قومي مسئلو آهي ۽ ان لاءِ وفاق ۽ صوبن کي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي. حقيقت اها آهي ته دهشتگردي ڪنهن هڪ جماعت يا حڪومت جو مسئلو نه، پر سڄي ملڪ جو مسئلو آهي؛ ان ڪري ان کي سياسي الزام تراشي بدران گڏيل قومي حڪمت عملي سان منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي.

طرف وفاقي قانون واري وزير جو اهو چوڻ ته حڪومت پي ٽي آءِ سان ڳالهين ڪان انڪار نٿي ڪري، سياسي بحران جي حل لاءِ ڳالهين جي گنجائش موجود هجڻ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. پي ٽي آءِ طرفان به چيو ويو آهي ته جيڪڏهن حڪومت قدم کڻي ته ڳالهين جو عمل شروع ٿي سگهي ٿو جڏهن ته پارٽي پنهنجي اڳواڻ جي آزادي ۽ ٻين مطالبن کي ڳالهين سان ڳنڍيندي رهي آهي. حڪومت جو موقف آهي ته ڪنهن به فرد جي آزادي جو معاملو عدالتن سان لاڳاپيل آهي، جڏهن ته پي ٽي آءِ ان کي سياسي ڳالهين جو حصو بڻائڻ چاهي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ ٻنهي ڌرين لاءِ ضروري آهي ته ڳالهين لاءِ اهڙو دائرو طئي ڪن، جنهن ۾ آئيني ادارن جي اختيارن جو احترام پڻ برقرار رهي ۽ سياسي مسئلن جو سياسي حل به ڳوليو وڃي.

جمهوريت جو مطلب صرف چونڊون ڪرائڻ يا پارليامينٽ ۾ حڪومت قائم ڪرڻ ناهي. جمهوريت جو اصل حسن اهو آهي ته اقتدار ۾ موجود ڌر مخالف ڌر کي به سياسي وجود ۽ عوامي نمائندگي جو حق ڏئي، جڏهن ته مخالف ڌر به حڪومت کي ڪم ڪرڻ جو آئيني حق ڏئي. جيڪڏهن هر حڪومت مخالف ڌر کي ختم ڪرڻ، ڪمزور ڪرڻ يا اقتدار ڪان ٻاهر رکڻ کي ئي سياست سمجهندي ۽ هر مخالف ڌر حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سياسي دٻاءُ استعمال ڪندي ته پوءِ جمهوريت جو ادارتي ڍانچو مضبوط ٿيڻ بدران مسلسل بحران جو شڪار رهندو.

ملڪ اڳ ئي معاشي، امن امان ۽ سياسي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي وقت ۾ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ وڌيڪ محاذ آرائي عوام لاءِ نوان مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿي. عوام کي سياسي جنگين ڪان وڌيڪ امن، روزگار، تعليم، صحت، بجلي، مهانگائي ۾ رليف ۽ بهتر حڪمراني جي ضرورت آهي. تنهنڪري حڪمران ڌر هجي يا مخالف ڌر، ٻنهي کي اهو سمجهڻ گهرجي ته اقتدار عارضي آهي، پر آئيني ۽ جمهوري ادارا ملڪ جي مستقل ملڪيت آهن.

خيبرپختونخوا جي چونڊيل حڪومت بابت ڪو به فيصلو جيڪڏهن ضروري هجي ته اهو آئين جي واضح طريقيڪار، قانوني تقاضائن ۽ لاڳاپيل ادارن جي عمل ذريعي ٿيڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح ڪنهن به سياسي جماعت کي احتجاج، لانگ مارچ يا سياسي دٻاءُ ذريعي اهڙو رستو اختيار نه ڪرڻ گهرجي، جيڪو ملڪ جي امن ۽ آئيني نظام لاءِ وڌيڪ بحران پيدا ڪري. سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو آهن، پر انهن اختلافن جو حل سياسي ڳالهين، پارليامينٽ، عدالتن ۽ آئين جي دائري ۾ ئي وڌيڪ پائيدار ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان کي هن وقت هڪ اهڙي سياسي ثقافت جي ضرورت آهي، جنهن ۾ حڪومت کي حڪومت ڪرڻ ڏنو وڃي، مخالف ڌر کي اختلاف ڪرڻ جو حق هجي، عدالتن کي آزاد نموني فيصلا ڪرڻ ڏنا وڃن ۽ عوام جي ووٽ کي سياسي انجنيئرنگ بدران احترام حاصل هجي. جيڪڏهن جمهوريت کي صرف اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ مخالف کي اقتدار ڪان محروم ڪرڻ جو نالو بڻايو ويو ته پوءِ جمهوريت جا اهي ثمر جيڪي عام ماڻهو تائين پهچڻ گهرجن، اهي هميشه نعري تائين محدود رهندا. اصل امتحان اهو آهي ته اقتدار جي هر ڌر پنهنجي سياسي مفاد ڪان مٿانهون ٿي آئين، عوامي مينڊيٽ ۽ ملڪ جي مستقبل کي اوليت ڏئي.

موجوده صوبن جا حق اڃا اڻپورا، نون صوبن جي ڳالهه ڇو؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان ۾ وقت بوقت نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جي قيام بابت بحث سامهون ايندو رهيو آهي. ڪڏهن ڪنهن وڏي صوبي کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته ڪڏهن انتظامي سهولت جي نالي تي نون يونٽن جي تجويز پيش ڪئي وڃي ٿي. نون صوبن جي حامين جو خيال آهي ته ننڍا انتظامي يونٽ ناهڻ سان حڪمراني عوام جي ويجهو ايندي، سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي بهتر ٿيندي ۽ ماڻهن جا مسئلا جلدي حل ٿيندا. پر هن سڄي بحث ۾ هڪ بنيادي سوال اڃا تائين پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته جڏهن ملڪ جا موجوده صوبا ئي پنهنجن آئيني، مالي، انتظامي ۽ وسيلن وارن حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن، تڏهن نوان صوبا ناهڻ سان آخر ڪهڙو بنيادي مسئلو حل ٿيندو؟

پاڪستان جي سياسي ۽ آئيني تاريخ ۾ ارڙهين ترميم هڪ اهم موڙ هئي. هن ترميم ڪان پوءِ صوبن کي وڌيڪ خودمختياري ۽ ڪيترن ئي معاملن ۾ وڌيڪ اختيار مليا. مقصد اهو هو ته صوبائي حڪومتون پنهنجي علائقن جي ضرورتن مطابق پاليسيون جوڙين ۽ عوام جا مسئلا مقامي سطح تي حل ٿين. پر سوال اهو آهي ته ڇا صوبائي خودمختياري جو فائدو مڪمل طور عام ماڻهو تائين پهچي سگهيو آهي؟ جيڪڏهن اڄ به عوام کي صحت، تعليم، روزگار، صاف پاڻي، روڊن، نيڪال ۽ ٻين بنيادي سهولتن لاءِ پريشانيون آهن ته پوءِ رڳو صوبن جون حدون تبديل ڪرڻ سان اهي مسئلا ڪيئن ختم ٿيندا؟

اصل مسئلو صوبا وڌيڪ ڪرڻ يا گهٽ ڪرڻ ڪان اڳ اختيارن ۽ وسيلن جي صحيح ورڇ جو آهي. جيڪڏهن وفاق ڪان صوبن کي اختيار مليا آهن پر صوبن ڪان اهي اختيار ضلعي، تعلقي ۽ مقامي سطح تائين منتقل نه ٿيا آهن ته عام ماڻهو لاءِ نظام ۾ وڏي تبديلي ڪيئن ايندي؟ هڪ شهري لاءِ اهو وڌيڪ اهم آهي ته سندس ڳوٺ ۾ اسڪول هجي، اسپتال ۾ ڊاڪٽر موجود هجي، پيئڻ جو صاف پاڻي ملي، رستا ٺهيل هجن ۽ سرڪاري آفيس ۾ سندس ڪم وقت تي ٿئي. هن لاءِ اهو سوال ثانوي آهي ته سندس مٿان حڪومت ڪندڙ صوبي جو نقشو ڪيترو وڏو يا ننڍو آهي.

نون صوبن جي قيام سان انتظامي ڍانچو ضرور نئون ٿي سگهي ٿو، پر ان سان گڏ نوان خرچ به پيدا ٿيندا. نئين صوبي لاءِ نئين حڪومت، نوان کاتا، نيون آفيسون، نوان انتظامي مرڪز ۽ ٻيا ڪيترائي ادارا گهربل هوندا. جيڪڏهن موجوده ادارا ئي مڪمل وسيلن ۽ بهتر انتظام ڪان محروم آهن ته نوان ادارا ناهڻ ڪان اڳ اهو ڏسڻ ضروري آهي ته موجوده نظام ۾ ڪهڙيون خاميون آهن ۽ انهن کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو.

اسان کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته انتظامي سهولت ۽ صوبائي ورهاست هڪ ئي ڳالهه ناهي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي جا ماڻهو سرڪاري ادارن ڪان پري آهن ته ضلعي ۽ تعلقي سطح تي اختيار وڌائي سگهجن ٿا. مقامي حڪومتن کي مضبوط ڪري سگهجي ٿو. چونڊيل نمائندن کي وڌيڪ اختيار ۽ وسيلا ڏئي سگهجن ٿا. سرڪاري کاتن کي عوام جي ويجهو آڻي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اهي قدم کنيا وڃن ته ڪيترائي انتظامي مسئلا نوان صوبا ناهڻ ڪان سواءِ به حل ٿي سگهن ٿا.

سنڌ جو معاملو ته خاص طور تي حساس آهي. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي پاڻي، زمين، وسيلن، روزگار، ترقياتي حصي ۽ آئيني حقن بابت ڪيترن ئي معاملن تي پنهنجو آواز بلند ڪندا رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن موجوده صوبي جا مسئلا حل ڪرڻ بدران نئين انتظامي ورهاست جي ڳالهه ڪئي وڃي ته لازمي طور ڪيترائي سوال پيدا ٿيندا. سنڌ کي سڀ ڪان پهريان پنهنجا آئيني ۽ مالي حق مڪمل طور ملڻ گهرجن. وسيلن جي منصفاڻي ورڇ يقيني بڻجڻ گهرجي ۽ مقامي ادارن کي مضبوط ڪيو وڃي.

جيڪڏهن ڪنهن صوبي وٽ وسيلا محدود آهن يا ترقياتي ڪم ضرورت مطابق نٿا ٿي سگهن ته ان جو حل اهو ناهي ته صوبي کي ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏجي. پهريان اهو ڏسڻو پوندو ته وسيلا ڪٿي خرچ ٿي رهيا آهن. ڪهڙن علائقن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي ۽ ترقياتي بجيٽ جو فائدو عام ماڻهو تائين ڇو نٿو پهچي. شفافيت، احتساب ۽ بهتر حڪمراني کي مضبوط ڪرڻ سان موجوده نظام ۾ به وڏي تبديلي آڻي سگهجي ٿي.

ملڪ ۾ نون صوبن جي بحث دوران هڪ ٻيو اهم سوال به سامهون اچي ٿو ته ڇا نوان صوبا ٺهڻ سان سياسي، معاشي ۽ سماجي اختلاف پاڻمرادو ختم ٿي ويندا؟ يقينن اهڙي ڪا ضمانت نٿي ڏئي سگهجي. جيڪڏهن ادارا ڪمزور هجن، وسيلن جي ورڇ تي سوال هجن ۽ عوام کي بنيادي سهولتون نه ملن ته ننڍي صوبي ۾ به اهي مسئلا موجود رهي سگهن ٿا.

ان ڪري ملڪ جي اصل ضرورت نوان نقشا ناهڻ ڪان وڌيڪ بهتر حڪمراني ناهڻ آهي. جيڪڏهن موجوده صوبن کي انهن جو آئيني حصو، مالي وسيلا ۽ انتظامي اختيار مڪمل طور ڏنا وڃن، ۽ ساڳئي وقت مقامي حڪومتن کي مضبوط ڪيو وڃي، ته عوام جي ڪيترن ئي مسئلن جو حل ممڪن آهي.

ارڙهين ترميم جو اصل روح به صوبائي خودمختياري سان گڏ اختيارن جي بهتر ورڇ هو. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته صوبن اندر به اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ٿين. جيڪڏهن هڪ عام ماڻهو کي پنهنجي ننڍڙي مسئلي لاءِ صوبائي گادي واري شهر تائين وڃڻو پوي ته ان جو مطلب اهو آهي ته اختيار اڃا به عوام ڪان پري آهن. ضلعي، تعلقي ۽ مقامي ادارن کي مالي ۽ انتظامي اختيار ڏيڻ سان حڪومت کي ماڻهن جي در تائين پهچائي سگهجي ٿو.

نون صوبن جي ڳالهه ڪندڙن جي اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي بحث طلب آهي ته ننڍا انتظامي يونٽ انتظامي طور وڌيڪ آساني پيدا ڪري سگهن ٿا، پر ڪنهن به اهڙي تجويز تي فيصلو ڪرڻ ڪان اڳ ملڪ جي موجوده صوبن جي صورتحال، وسيلن، آبادي، انتظامي ضرورتن ۽ عوامي راءِ جو تفصيلي جائزو وٺڻ ضروري آهي. اهڙو وڏو فيصلو سياسي نعري يا عارضي سياسي فائدي جي بنياد تي نه ٿيڻ گهرجي.

پاڪستان کي اڄ اهڙي حڪمراني جي ضرورت آهي جيڪا عام ماڻهو جي زندگي آسان بڻائي. جيڪڏهن اسپتال ۾ علاج نه ملي، اسڪول ۾ استاد نه هجي، روڊ ٽٽل هجن، پاڻي جي کوٽ هجي ۽ نوجوان روزگار لاءِ پريشان هجن ته نئين صوبي جو نالو انهن مسئلن جو فوري حل نٿو بڻجي سگهي.

ان ڪري موجوده صوبن جي حقن بابت سنجيده بحث ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. وفاق ۽ صوبن وچ ۾ وسيلن جي ورڇ، صوبائي خودمختياري، مقامي حڪومتن جا اختيار ۽ عوام تائين ترقياتي وسيلا پهچائڻ واري نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻو پوندو. صوبن کي جيڪي حق آئيني طور حاصل آهن، اهي عملي طور به يقيني بڻائڻا پوندا.

خاص طور سنڌ لاءِ ضروري آهي ته سنڌ جي وسيلن، پاڻي، روزگار، ترقياتي حصي ۽ آئيني حقن بابت معاملن کي اوليت ڏني وڃي. سنڌ جي ماڻهن کي اهو يقين گهرجي ته سندن صوبي جا وسيلا ۽ اختيار ڪنهن به اهڙي انتظامي تجربي جي نذر نه ٿيندا جنهن جا بنيادي مقصد ۽ نتيجا واضح نه هجن.

ملڪ ۾ انتظامي سڌارن جي ضرورت ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر انتظامي سڌارن جو مطلب لازمي طور نوان صوبا ناهڻ ناهي. بهتر مڪاني حڪومت، مضبوط ضلعي نظام، بااختيار تعلقي ادارا، شفاف بجيٽ، ميرٽ تي مقررين ۽ عوام جي نگراني وارو نظام به وڏي انتظامي تبديلي آڻي سگهي ٿو.

آخرڪار سوال اهو ناهي ته پاڪستان ۾ صوبا ڪيترا هجن؛ اصل سوال اهو آهي ته جيڪي صوبا هن وقت موجود آهن، انهن کي سندن حق ڪيترا ملي رهيا آهن؟ جيڪڏهن موجوده صوبن جا آئيني ۽ مالي حق اڃا مڪمل طور يقيني ناهن، جيڪڏهن صوبن اندر اختيار عوام تائين نه پهتا آهن ۽ جيڪڏهن عام ماڻهو بنيادي سهولتن لاءِ اڃا به پريشان آهي، ته پوءِ نون صوبن جي ڳالهه ڪرڻ ڪان اڳ موجوده نظام جون خاميون ختم ڪرڻ وڌيڪ ضروري آهي. پاڪستان کي ورهائڻ ڪان اڳ سنوارڻ جي ضرورت آهي، نقشا بدلائڻ ڪان اڳ نظام بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ نوان انتظامي يونٽ ناهڻ ڪان اڳ موجوده صوبن جا حق مڪمل طور تسليم ڪرڻ جي ضرورت آهي. جڏهن موجوده صوبن کي سندن جائز حق، وسيلا ۽ اختيار مڪمل طور ملي ويندا، تڏهن جيڪڏهن انتظامي ضرورت موجب وڌيڪ تبديلي جي ضرورت باقي رهي ته ان تي به آئيني ۽ عوامي مشاورت سان ڳالهائي سگهجي ٿي. پر اڄ جي بنيادي ترجيح اها هجڻ گهرجي ته موجوده صوبن جا حق پورا ڪيا وڃن، عوام کي اختيار ڏنا وڃن ۽ حڪمراني کي ماڻهن جي در تائين پهچايو وڃي.

"تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان" ۽ زميني حقيقتون

عبدالمجيد نائچ

محمود خان اچڪزئي جي اڳواڻيءَ ۾ هلندڙ 'تحريڪ تحفظِ آئين پاڪستان' جو بنيادي نعرو آئين جي بالادستي ۽ جمهوري نظام جو تحفظ آهي. ان حوالي سان بحث جو اصل محور ڪنهن فرد جي ذاتي حب الوطني يا نيت نه هجڻ گهرجي، پر اهو سياسي فڪر هجڻ گهرجي، جيڪو ڪنهن جماعت جي منشور ۽ عملي موقف مان ظاهر ٿئي ٿو. ڇو ته سياسي جماعت جو منشور محض چونڊن لاءِ لکيل دستاويز نه هوندو آهي، پر اهو ان جماعت جي رياست، قوم، تاريخ، اختيارن ۽ سياسي مستقبل بابت بنيادي سوچ کي به بيان ڪندو آهي.

پاڪستان جي آئين جو آرٽيڪل 5 رياست سان وفاداري ۽ آئين ۽ قانون جي پاسداري کي شهري جي ذميوارين سان ڳنڍي ٿو. ان ڪري جڏهن آئين کي سياسي جدوجهد جو مرڪز بڻايو وڃي ته آئين جي هر اهم اصول کي بحث جو حصو بڻائڻ لازمي ٿي وڃي ٿو. هتي سوال ڪنهن فرد کي وفادار يا غدار قرار ڏيڻ جو ناهي، بلڪ سياسي نظرين کي آئيني ڪسوٽي تي پرکڻ جو آهي. پشتونخوا ملي عوامي پارٽي جي منشور جو مطالعو ڪيو وڃي ته ان ۾ تاريخ، افغانستان، پشتون قوم ۽ پاڪستان جي قيام بابت هڪ مخصوص فڪري زاويه نظر اچي ٿو. منشور ۾ پاڪستان جي تاريخ کي ڏسڻ جو انداز ڪيترن هنڌن تي عام سرڪاري تاريخ ڪان مختلف آهي، جڏهن ته افغانستان سان تاريخي ۽ قومي تعلق کي خاص اهميت ڏني وئي آهي. اهو هڪ سياسي موقف آهي ۽ ڪنهن به سياسي جماعت کي پنهنجي تاريخي تشريح پيش ڪرڻ جو حق حاصل آهي، پر جڏهن اها ئي جماعت پاڪستان جي آئين ۽ ان جي تحفظ جي ڳالهه ڪري ٿي ته پوءِ ان جي تاريخي ۽ سياسي تصورن بابت سوال اٿڻ به جمهوريت جو حصو آهي.

تاريخ بابت سرڪاري بيانين سان اختلاف رکڻ سان گڏ پنهنجي تاريخي تشريح جي به تنقيدي ڇنڊڇاڻ ضروري آهي. خاص طور تي جڏهن ڪنهن جماعت جو منشور پاڪستان جي قيام ڪان اڳ واري تاريخ، افغانستان سان لاڳاپن ۽ برطانوي دور جي سياسي ورثي کي جديد سياسي مسئلن سان ڳنڍي ٿو ته ان تي ڪليل ۽ دليل سان بحث ٿيڻ گهرجي.

اصل سوال اهو ناهي ته ڪنهن کي افغانستان سان تاريخي يا ثقافتي تعلق تي فخر ڪرڻ جو حق آهي يا نه. اصل سوال اهو آهي ته پاڪستان جي هڪ آئيني ۽ خودمختيار رياست طور موجوده حيثيت بابت ان سياسي تصور جي حد ڪٿي ختم ٿئي ٿي ۽ آئيني ذميواري ڪٿي شروع ٿئي ٿي. قومي سڃاڻپ جا ڪيترائي دائرا ٿي سگهن ٿا، پر جديد رياست جي بنياد شهريت، آئين ۽ قانون تي قائم هوندي آهي.

رياستي پاليسين ۽ تاريخي فيصلن کي ڪنهن هڪ صوبي جي اجتماعي صفت بڻائڻ بدران انهن جي حقيقي سياسي پسمنظر ۾ ڏسڻ وڌيڪ ضروري آهي. جيڪڏهن تاريخ کي سياسي دليل طور استعمال ڪرڻو آهي ته پوءِ ان جي چونڊيل حصن بدران مڪمل تصوير سامهون رکڻي پوندي. ڪنهن صوبي جي سموري آباديءَ کي تاريخي جبر جو ذميوار قرار ڏيڻ سان مسئلا حل ٿيڻ بدران صوبائي ۽ قومي فاصلا وڌڻ جو خدشو پيدا ٿي سگهي ٿو. بحث جو هڪ ٻيو انتهائي حساس پاسو پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ سرحد جو سوال آهي. پاڪستان هڪ خودمختيار ملڪ آهي ۽ ان جون بين الاقوامي سرحدون ان جي رياستي ڍانچي جو حصو آهن. تنهنڪري سرحدن بابت ڪو به سياسي مطالبو رڳو اچ وڃ جي سهولت تائين محدود نه رهندو، پر ان جو تعلق قومي سلامتي، خودمختياري ۽ آئيني اختيار سان به جڙيل هوندو. ڊيورنڊ لائين بابت پشتون قومپرست ڌرين جا تاريخي اعتراض پراڻا آهن. ڪنهن سرحد جي تاريخ بابت مختلف راءِ رکڻ هڪ سياسي حق آهي، پر ساڳئي وقت موجوده پاڪستان جي آئيني حيثيت ۽ رياستي سرحدن کي نظرانداز ڪرڻ جو سوال به پنهنجي جاءِ تي اهم آهي. جيڪڏهن آئين کي بالادست مڃيو وڃي ٿو ته پوءِ ان ۾ بيان ڪيل رياستي خودمختياري ۽ ملڪ جي جغرافيائي وحدت کي به بحث جو لازمي حصو بڻائڻو پوندو.

پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ عام سرحدي سهولت جي ڳالهه ۽ پاڪستان جي هڪ صوبي کي افغانستان سان مخصوص آزاد اچ وڃ جي انتظام سان جوڙڻ واري تصور ۾ فرق آهي. اهڙي تجويز رڳو سرحدي سهولت جو مسئلو نه رهي ٿي، پر ان سان آئيني اختيار، وفاقي ڍانچي ۽ رياستي خودمختياري جا سوال به پيدا ٿين ٿا. تنهنڪري اهڙي ڪنهن به تصور تي جذبات بدران واضح آئيني ۽ قانوني بحث ٿيڻ گهرجي. هتي بحث ڪنهن خاص سياسي جماعت کي نشانو بڻائڻ لاءِ نه، پر ان اصول لاءِ آهي ته جيڪي سوال ٻين کان پڇيا وڃن ٿا، اهي پنهنجي سياسي فڪر بابت به قبول ڪرڻا پوندا. آئين جي بالادستيءَ جو مطلب ئي اهو آهي ته سياسي طاقت، جماعت، اڳواڻ يا گروهه قانون ڪان مٿانهون نه هجي. اسان جي سياسي ثقافت جو هڪ وڏو مسئلو اهو به آهي ته اختلاف کي اڪثر ذاتي دشمني بڻايو وڃي ٿو. ڪنهن سياسي موقف تي سوال ڪيو وڃي ته سوال ڪندڙ جي نيت تي شڪ ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته جمهوريت ۾ سوال ڪرڻ بنيادي سياسي حق آهي. ڪنهن به سياسي جماعت جو منشور مقدس دستاويز نه هوندو آهي؛ اهو عوام جي سامهون پيش ڪيل سياسي تصور هوندو آهي، جنهن تي تنقيد، بحث ۽ اختلاف جو حق هر شهري کي حاصل آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪو اڳواڻ آئين جي تحفظ جي ڳالهه ڪري ٿو ته ان ڪان ان آئين بابت سوال ڪرڻ به جمهوريت جي فطري عمل جو حصو آهي. جيڪڏهن ڪا جماعت قوم، رياست، سرحد، تاريخ يا وفاق بابت مخصوص تصور پيش ڪري ٿي ته ان تصور کي به قانون ۽ آئين جي روشنيءَ ۾ جانچڻ گهرجي. سوالن جو جواب دليل سان ڏيڻ گهرجي، سوال ڪندڙ کي خاموش ڪرائڻ سان نه.

آئين ڪنهن هڪ جماعت، اڳواڻ يا سياسي تحريڪ جي ملڪيت ناهي. اهو رياست جو بنيادي قانون آهي ۽ ان جي بالادستيءَ جو مطلب سڀني لاءِ هڪجهڙو معيار آهي. جيڪڏهن حڪمرانن کان آئين جي پابنديءَ جو مطالبو ڪيو وڃي ٿو ته سياسي جماعتن کي به پنهنجي منشور، بيانن ۽ مطالبن کي ساڳئي آئيني ڪسوٽيءَ تي پرکڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. آئين کي رڳو مخالفن لاءِ دليل ۽ پنهنجي موقف لاءِ استثنا بڻائي نٿو سگهجي. آئين جي اصل بالادستي تڏهن ئي قائم ٿيندي، جڏهن ان جا اصول حڪمران ۽ مخالف، وڏو ۽ ننڍو، طاقتور ۽ ڪمزور سڀني لاءِ برابر هجن. جمهوريت ۾ سياسي نعرا اهم ٿي سگهن ٿا، پر نعري ڪان وڌيڪ اهم سوال هوندو آهي. 'تحفظِ آئين' جو نعرو پنهنجي جاءِ تي، پر ان سان گڏ اهو به طئي ڪرڻو پوندو ته آئين جي تحفظ جو دائرو ڪٿي تائين وڃي ٿو؟ ڇا اهو صرف حڪمرانن کي آئين جو پابند بڻائڻ تائين محدود آهي يا سياسي جماعتن، اڳواڻن ۽ انهن جي منشورن تي به ساڳيو معيار لاڳو ٿئي ٿو؟ جيڪڏهن جواب اهو آهي ته آئين سڀني ڪان مٿانهون آهي، ته پوءِ ان ڪسوٽيءَ ڪان ڪو به سياسي اڳواڻ، ڪا به جماعت ۽ ڪو به منشور ٻاهر نٿو رهي سگهي. جمهوريت جي سگهه ئي ان ڳالهه ۾ آهي ته سوال ڪرڻ جو حق زنده رهي، اختلاف کي برداشت ڪيو وڃي ۽ آئين کي سڀني لاءِ هڪجهڙو معيار بڻايو وڃي. اهڙي ئي روش سان آئين جو احترام نعري ڪان اڳتي وڌي عملي سياسي قدر بڻجي سگهي ٿو.

بقايا *** 01

اس معاهدي جي حيثيت ۾ هڪطرفي تبديلي جا وسيع تر اثر سڄي دنيا ۾ سرحد پار پاڻين جي انتظام تي پئجي سگهن ٿا، عالمي برادري کي ان معاملي جي حساسيت جو ادراڪ ڪرڻو پوندو اهڙن خيالن جو اظهار هن اربع ڏينهن هتي انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز اسلام آباد (آءِ ايس ايس آءِ) ۾ "پاڻي جو بطور هٿيار استعمال، سنڌ طاس معاهدي جي معطلي جا تاريخي، قانوني ۽ اسٽريٽجڪ رخ" جي موضوع تي خصوصي رپورٽ جي مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير چيو ته اسان پنهنجي سڃاڻپ سنڌو درياءَ جي پاڻين سان واڳيل سمجهون ٿا. سنڌ طاس معاهدي جي وجود ۾ اچڻ ۽ ٻن ڌرين جي وچ ۾ صحيحن جي وقت شايد اهو تصور به نه ڪيو ويو هوندو ته ڪجهه ڏهاڪن ڪانپوءِ اهڙو وقت به ايندو جڏهن ڀارت قانوني گهرجن ڪان اڳتي ۽ اخلاقي قدرن ڪان عاري ٿي ويندو. هن چيو ته سنڌ طاس معاهدو شرطن ۽ ضابطن جو تعين ڪندڙ قانوني فريم ورڪ آهي ۽ صحيحن ڪانپوءِ ٻنهي ڌرين تي قانوني طور تي لاڳو آهي. جڏهن معاهدي ۾ اهو شرط به موجود هجي ته ان کي هڪطرفي طور تي ملتوي، ختم يا تبديل نه ٿو ڪري سگهجي ته ان سان پاڪستان جي موقف کي قانوني سگهه ۽ جواز ملي ٿو. عطاءالله تارڙ چيو ته معاهدي کي نه ته هڪطرفي تبديل، ختم يا ملتوي ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان کي معطل ڪري سگهجي. ڪنهن تڪرار جي صورت ۾ به ٻئي ڌريون معاهدي جي شرطن ۽ ضابطن تي عمل ڪرڻ جون پابند آهن. هن چيو ته آگسٽ 2025ع ۾ عالمي ثالثي عدالت پاڪستان جي ان موقف کي قانوني جواز ۽ سگهه ڏني ته معاهدي جي حيثيت کي هڪطرفي طور تي تبديل ڪرڻ جي ڪا ڪوشش نه ٿي ڪري سگهجي. هن چيو ته پاڪستان حڪومت ان معاملي کي سفارتي انداز ۾ اڳتي وڌايو، عالمي برادري سان رابطو ڪري پنهنجو قانوني ۽ سفارتي موقف پيش ڪيو ۽ هڪ اهڙي رياست جي طور تي پنهنجو ڪيس پيش ڪيو جيڪا ٻين جي حقن جو احترام ڪري ٿي. وفاقي وزير چيو ته تازو ئي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته سنڌ لاءِ هوندو آهي. هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي جنگ ۾ پهرين صف جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جڏهن ته ٻئي طرف ڀارت جنهن سنڌ طاس معاهدو غيرقانوني طور تي معطل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪئناڊا ۽ ٻين ملڪن ۾ سکن سميت اقليتن جي خلاف سرحد پار قتل ۽ ڪاروائين جا الزام به لڳا آهن. وفاقي وزير چيو ته پاڻي کي هٿيار بڻائڻ ۽ سنڌ طاس معاهدي جي حوالي سان تڪرار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش مذمت جوڳي آهي ۽ ان کي قانوني، سفارتي يا اخلاقي سطح تي جائز قرار نه ٿو ڏئي سگهجي. هن چيو ته سنڌ طاس معاهدي جي حوالي سان پاڪستان جو موقف واضح آهي ۽ ڪيترن ئي ملڪن پاڪستان جي موقف جي تائيد ڪئي آهي. جڏهن به اهو معاملو عالمي سطح تي قانوني فورمز تي پيش ٿيو اتي به پاڪستان جي موقف کي سگهه ملي آهي. عطاءالله تارڙ چيو ته پاڪستان هڪ پرامن قوم آهي ۽ امن تي يقين رکي ٿو جڏهن ته ڀارت کي پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندو ۽ ته اهو پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جو بنيادي ۽ مڃيل حق آهي. هن چيو ته عالمي برادري کي ان معاملي ۾ موجود وسيع تر مثال کي پڻ نظر ۾ رکڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪا رياست متفق تڪرارن جي حل جي طريقيڪار جي موجودگي جي باوجود ڪنهن پابند عالمي پاڻي معاهدي کي هڪطرفي طور تي معطل ڪري سگهي ٿي ته ان جا اثر سڄي دنيا ۾ سرحد پار پاڻين جي انتظام ۽ ورڇ جي نظام تائين پکڙجي سگهن ٿا. ان جا انهن ملڪن تي پڻ اثر پئجي سگهن ٿا جن جي وچ ۾ پاڻي جي ورڇ جي حوالي سان معاهدا موجود آهن. انهي لاءِ انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز اسلام آباد جو ڪم اهم آهي. تحقيقي ادارن جي ذميواري آهي ته اهڙي اڳڀرائي جو تاريخي، قانوني ۽ اسٽريٽجڪ جائزو وٺي پاليسي سازن ۽ عالمي ادارن کي ثبوتن تي ٻڌل تجزيو فراهم ڪن. وفاقي وزير چيو ته سنڌ طاس معاهدي جي حوالي سان جاري ڪئي ويندڙ خصوصي رپورٽ هن بحث ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي جنهن ۾ سنڌ طاس معاهدي جي تاريخ، ڀارت جي فيصلن جي قانوني رخن، اثرئين علائقن ۾ پاڻي انفراسٽرڪچر بابت اڳڀرائي ۽ پاڪستان سميت پوري خطي تي ان جي اسٽريٽجڪ اثرن جو جائزو ورتو ويو آهي. هن واضح ڪيو ته پاڪستان حڪومت عالمي برادري سان رابطو جاري رکندي ۽ عالمي قانون موجب پاڪستان جي اهم قومي مفادن جو دفاع ڪندي رهندي. جيڪي ملڪ عالمي قانون جي پاسداري ڪن ٿا اهي ترقي نه ٿا ڪري سگهن ۽ انهن جي ادارن کي دنيا چڱي ريت ڏسي سگهي ٿي. عطاءالله تارڙ چيو ته ڀارت کي جنهن شرمندگي کي منهن ڏيڻو پيو ان کي سيني تي ڪيڏو آهي. وفاقي وزير خصوصي رپورٽ جاري ڪرڻ تي انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز اسلام آباد جا ٿورا مڃيندي چيو ته حڪومت ان مقصد جي لاءِ ادارن سان گڏ مسلسل ڪم ڪرڻ جي خواهشمند آهي.

بقايا *** 02

جي اجلاس ۾ مڪه دفاعي گڏيل دفاعي معاهدي جي سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ ۽ سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ دفاعي تعاون تي ٿيل اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو. سعودي ميڊيا موجب رياض ۾ ٿيل ڪابينه جي اجلاس ۾ مڪه دفاعي معاهدي جي سيڪريٽريٽ کي قائم ڪرڻ ڪان علاوه علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي غور ڪيو ويو. اجلاس هرمز ۽ آبنائي باب المندب، بحيره احمر ۽ عرب عدن ۾ بحري اچ وڃ جي آزادي ۽ تحفظ جي اهميت اجاگر ڪئي وئي. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ آبنائي هرمز ۾ حالتن کي 28 فيبروري ڪان اڳ جي سطح تي بحال ڪرڻ جي ضرورت تي به زور ڏنو جڏهن ته بحري جهازن تي حوثي مليشيا جي حملن جي مذمت بابت گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل جي بيان جي آجيان ڪئي وئي. ڪابينه مڪه دفاعي معاهدي جي سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ بابت اڳڀرائي جو جائزو ورتو جنهن سان گڏ سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ دفاعي تعاون جا معاملا به غورهيٺ آيا. اجلاس ۾ سامونڊي رستن جي تحفظ، علائقائي سلامتي ۽ دفاعي تعاون بابت معاملن کي اهميت ڏني وئي.

بقايا *** 03

۾ ڪڻڪ جي درآمد جي انتظامن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو. پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير فود ايئر 27 – 2026ع جي لاءِ ڪڻڪ جي درآمد بابت اسٽيئرنگ ڪميٽي جي ستين اجلاس جي صدارت ڪئي. ڪميٽي ڪڻڪ جي درآمد جي انتظامن بابت اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان (ٽي سي پي) کي هدايت ڪئي ته سنڌ جي ڪڻڪ جي باقي رهيل هڪ لک 85 هزار ميٽرڪ ٽن ضرورت جي خريداري جي لاءِ گهٽ ترين بولي/ بولين کي قبول ڪرڻ جو عمل اڳتي وڌايو وڃي. نائب وزيراعظم پنجاب، سنڌ ۽ خيبرپختونخواهه جي حڪومتن کي به هدايت ڪئي ته گهربل ادائيگين جو وقت سر انتظام ڪن ۽ ٽي سي پي سان ته ڊريو معاهدو جلد مڪمل ڪن ته جيئن ڪڻڪ جي درآمد جو عمل وقت سر مڪمل ڪري سگهجي. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪڻڪ جي درآمد سان مناسب اگهن تي ڪڻڪ جي وڌيڪ فراهمي يقيني بڻائي سگهبي ۽ عوام کي وڌ ڪان وڌ رليف فراهم ٿيندو اجلاس ۾ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير، سنڌ جي خوراڪ واري وزير، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، واپار واري سيڪريٽري، پاسڪو جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر، لاڳاپيل صوبائي سيڪريٽرين ۽ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وزارت ۽ ٽي سي پي جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 04

آپريشن دوران 3 خوارجي دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي فورسز جي جوانن ۽ آفيسرن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي. اربع تي ريلوي واري وزارت پاران جاري بيان موجب وفاقي وزير دهشتگرد ڌرين خلاف سيڪيورٽي فورسز جي وقت سر ۽ اثرائتي ڪاروائي جي تعريف ڪندي چيو ته ملڪ جا محافظ دهشتگردي جي لعنت خلاف ڏينهن رات وڙهي رهيا آهن ۽ وطن جي امن ۽ سلامتي جي تحفظ لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري رهيا آهن. محمد حنيف عباسي چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جو پختو عزم ۽ بي مثال حوصلو واکاڻ جوڳو آهي. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل ۽ حتمي خاتمي تائين پوري قوم ۽ حڪومت پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا *** 05

سهولتن بابت جاچ ورتي. وفاقي گهرو وزير اميگريشن ٽيم جي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته اضافي عملي جي مقرري سان مسافرن جون ڊگهيون قطارون ختم ٿي ويون آهن. محسن نقوي هدايت ڪئي ته اميگريشن جي عمل دوران مسافرن کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي ۽ سندن مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته غير تصديق ٿيل دستاويزن وارن مسافرن کي سفر جي اجازت نه ڏني وڃي، جڏهن ته اميگريشن عملو ضابطن تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻائي.

بقايا *** 06

ي. هن چيو ته منهنجي تڪ ۾ روزاني جي بنياد تي دهشتگردي ٿي رهي آهي، ڇا وفاقي گهرو وزير ڪڏهن انهن علائقن ۾ ويو آهي؟ پوليس لائنز ۾ ڌماڪي جي انڪوائري اڄ تائين سامهون ناهي اچي سگهي. شاندانه گلزار جو چوڻ هو ته ملڪ جي معاشي حالت خراب آهي، مهانگائي عروج تي آهي، فارم 47 وارا آئين جو مذاق اڏائي رهيا آهن. اسان جهيڙو نٿا چاهيون، فوج ۽ پوليس اسان جي آهي، اسان ڪتابن وارا ماڻهو آهيون، جهازن وارا نه. هن وڌيڪ چيو ته راڄڌاني واري شهر اسلام آباد کي ڪنٽينرستان بنايو ويو آهي پر اسان 4 آڪٽوبر تي وزيراعليٰ ۽ جنيد اڪبر سان گڏ پوري طاقت سان نڪرنداسين. اسان آئين سان نه ليفٽ ٿينداسين نه رائٽ ٿينداسين.

بقايا *** 07

ي ڊويزن جي ڪچي وارن علائقن ۾ جاري ترقياتي منصوبن، سماجي ۽ معاشي بهتري، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ امن امان بابت قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ڪچي وارن علائقن جي ترقي ۽ بحالي جي حوالي سان ڪمشنر لاڙڪاڻو تفصيلي بريفنگ ڏني. بريفنگ ۾ ڪچي وارن علائقن ۾ تعليم، صحت، موبائيل ڊسپينسرين، روڊن ۽ ٻين بنيادي ڍانچي بابت قدمن ۽ ضرورتن ڪان آگاهه ڪيو ويو. گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن فريال ٽالپر چيو ته ڪچي وارن علائقن جي بحالي ۽ پائيدار ترقي لاءِ سنڌ حڪومت ڀرپور قدم کڻندي. غير سروي ٿيل ڪچي وارن علائقن جي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن. فريال ٽالپر هدايت ڪئي ته ڪچي وارن علائقن ۾ تعليم، صحت، روڊن، پوليس اسٽيشنن، پوليس پوسٽن ۽ تربيتي مرڪزن جي ضرورتن جو جامع جائزو ورتو وڃي ۽ ان حوالي سان واضح سفارشون مرتب ڪيون وڃن. هن چيو ته ڪچي وارن علائقن ۾ قائم ڪيل پوليس ڪئمپس کي شهيد پوليس اهلڪارن جي نالن سان منسوب ڪيو وڃي، ته جيئن فرض جي ادائيگي دوران پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪري سگهجي. فريال ٽالپر چيو ته ڪچي وارن علائقن جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ، انهن جي ديرينه مسئلن جي حل ۽ معيار زندگي ۾ بهتري لاءِ عملي قدم يقيني بڻايا ويندا. ڪچي وارن علائقن جي ترقي لاءِ مربوط ۽ ڊگهي مدتي حڪمت عملي تحت ترقياتي عمل کي تيز ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته عوامي مسئلن جي حل سان گڏ ڪچي وارن علائقن ۾ سماجي ۽ معاشي ترقي جي عمل کي به موثر انداز ۾ اڳتي وڌايو ويندو جڏهن ته سڀئي لاڳاپيل ادارا باهمي رابطي ۽ مربوط حڪمت عملي تحت پنهنجون ذميواريون ادا ڪندا. گهرو وزير سنڌ ضياءُ الحسن لنجار چيو ته ڪچي وارن علائقن جي پائيدار ترقي ۽ عوامي مسئلن جو حل سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. ڪچي وارن علائقن ۾ ترقياتي عمل کي موثر بڻائڻ لاءِ سڀني لاڳاپيل ادارن کي مربوط قدم يقيني بڻائڻا پوندا. هن چيو ته ڪچي وارن علائقن جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ انهن جي معيار زندگي ۾ بهتري لاءِ عملي قدمن کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو. گهرو وزير سنڌ هدايت ڪئي ته اڄ جي اجلاس ۾ بحث هيٺ آيل تمام نقطن ۽ مليل تجويزن جي روشني ۾ سفارشون جلد مرتب ڪري جائزي ۽ وڌيڪ ضروري ڪاروائي لاءِ موڪليون وڃن، ته جيئن ڪچي وارن علائقن جي بحالي، ترقي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ قابل عمل لائحه عمل مرتب ڪري سگهجي. اجلاس ۾ شريڪ سکر ۽ لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ چونڊيل قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن پنهنجي پنهنجي علائقن جي مسئلن، ضرورتن ۽ ترقياتي ترجيحن بابت تجويزون پيش ڪيون. اجلاس ۾ قومي اسيمبلي ميمبر علي جان مزاري، مير شبير علي بجاراڻي، محمد شهريار خان مهر، خالد احمد خان لنڊ، علي گوهر خان مهر، جام خان شورو، وزير پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ آبپاشي کاتو سنڌ، صوبائي اسيمبلي ميمبر عبدالرؤف کوسو، غلام عابد خان، مير محبوب علي خان بجاراڻي، محمد عارف خان، آغا شهباز علي دراڻي، جام مهتاب حسين ڏهر، سردار نادر اڪمل خان لغاري، علي نواز خان مهر، سيد فرخ احمد شاهه، سيد ناصر حسين شاهه، سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ، سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز، سيڪريٽري آبپاشي، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي، سيڪريٽري صحت، سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز، سيڪريٽري زراعت، سپلائي اينڊ پرائس، سيڪريٽري توانائي، سيڪريٽري لوڪل گورنمنٽ اينڊ HTP، سيڪريٽري بحالي، سيڪريٽري قانون، آءِ جي سنڌ، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ، ڪمشنر لاڙڪاڻو سکر ڊي آءِ جيز لاڙڪاڻو ۽ سکر شرڪت ڪئي.

بقايا *** 08

ڪان بچي ويو سعودي عرب جي تبوڪ واري هوائي اڏي تي ايمرجنسي ۾ جهاز محفوظ طريقي سان لينڊ ڪري ورتو. جهاز ۾ 180 مسافر سوار هئا ۽ بن گورين ايئرپورٽ تي لينڊ ڪرڻو هو ڪجهه رپورٽس ۾ تل ابيب ۾ لينڊ ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي. اسرائيلي وزيراعظم جي ترجمان وٽ به هي هائيجيڪنگ ناهي، معلومات گڏ ڪئي پئي وڃي. فلاءِ دبئي عرب امارات جي ڪمپني آهي ۽ امارات ايئر لائين ۽ هن ڪمپني جا مالڪ ساڳيا آهن. پائلٽن هڪٻئي کي زخمي ڪري ڇڏيو. مسافرن کين ڇڏايو ٻئي پائلٽ سعودي عرب جي اسپتال ۾ داخل آهن. بي بي سي موجب ريزرو پائلٽ محفوظ لينڊنگ ڪرائي. جيڪو برطانوي شهري آهي. هڪ مسافر موجب اڳ ۾ ڪيبن مان رڙيون آيون جنهن بعد هڪ پائلٽ رت ۾ ڀريل حالت ۾ ٻاهر آيو جنهن بعد هڪ مسافر کي پائلٽ جنهن بابت سي اين اين جو چوڻ آهي ته عماني شهري آهي، تنهن ڪيپٽن پائلٽ کي چاقو سان زخمي ڪيو پر سوال اهو آهي ته عمان ۽ اسرائيل جا سفارتي لاڳاپا ئي نه آهن ته ان جو شهري ڪيئن اسرائيل ويندو؟ جهاز دبئي مان روانو ٿيو ته هڪ ڪلاڪ بعد 30 هزار فٽ جي بلندي تان جهاز هڪ دم هيٺ آيو ته مسافر صدمي ۾ اچي ويا. ان وقت جهاز اردن جي فضائي حدن ۾ هو جتان تبوڪ ۾ سلطان عبدالعزيز هوائي اڏي کي اڳ ۾ هائيجيڪنگ ۽ بعد ۾ ايمرجنسي لينڊنگ جو سگنل مليو پائلٽن جهيڙي جو سبب سامهون ناهي آيو اسرائيلي حڪومت دهشتگردي جو شڪ ظاهر ڪندي چيو ته هن سگنل ملندي ئي پنهنجا فائٽر جهاز روانا ڪيا.

بقايا *** 09

ته سون جي اگهه ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي ميڊيا رپورٽن موجب آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ جا مستقبل جو سودا 0.53 ڊالرجي اضافي سان 89.91 ڊالر في بيرل جڏهن ته برينٽ نارٿ سي ڪروڊ جا سودا 0.78 ڊالرجي اضافي سان 103.37 ڊالرفي بيرل ۾ طئه ٿيا. اسپاٽ گولڊ جو اگهه 0.82 ڊالر جي گهٽتائي سان 4181.49 ڊالرفي اونس جڏهن ته چاندي جو اگهه 0.29 ڊالر اضافي سان 61.44 ڊالرفي اونس ۾ طئه ٿيو زرعي جنسن جي اگهه ۾ اضافي جو لاڙو رهيو مڪئي جو اگهه 0.75 ڊالرجي اضافي سان 522.75 ڊالر في بشل، ڪڻڪ 3.50 ڊالراضافي سان 696.25 ڊالر جڏهن ته ڪپهه جو اگهه 0.45 ڊالرجي اضافي سان 79.31 ڊالر تي وي.

بقايا *** 10

۾ ٽن خارجين کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم محمد شهباز شريف مارجي ويل دهشتگردن ڪان هٿيار ۽ گولا بارود هٿ ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي شاباش ڏني. وزيراعظم دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسزجي ڪاروائين کي ساراهيو وزيراعظم شهباز شريف چيو ته فتنه الخوارج جي خلاف سيڪيورٽي فورسزجون ڪاروايون قابل تحسين آهن. هن چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز جون ڪاروايون جاري رهنديون. وزيراعظم چيو ته پاڪستان مان دهشتگردي جي ناسور جو مڪمل خاتمو حڪومت جي اولين ترجيح آهي. وزيراعظم چيو ته پوري قوم سيڪيورٽي فورسز سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي.

بقايا *** 11

ي منظوري ڏئي ڇڏي. 25 سال جي معطلي ڪان پوءِ هلندڙ سال فيبروري ۾ 6 ڪان 8 فيبروري تائين لاهور ۾ بسنت ملهائي وئي هئي. وزيراعليٰ مريم نوازشريف نئين سال 2027 جي آمد تي لاهورين کي 10 ڏينهن بسنت جو تحفو ڏيڻ جي هدايت ڪئي. وزيراعليٰ مريم نوازشريف جي هدايت موجب 29 جنوري ڪان 7 فيبروري تائين بسنت ملهائي ويندي، 5 فيبروري تي ڪشمير ڏي ملهائڻ جي لاءِ هڪ ڏينهن بسنت جو جشن ملتوي ڪيو ويندو. وزيراعليٰ مريم نوازشريف چيو ته سموري دنيا ۾ 10 ڏينهن بسنت پنجاب جي تهذيبي رنگ ۽ لاهور جي قديم تاريخي روايت کي هٿي ڏيڻ جو سبب بڻجندي. هن چيو ته گذريل بسنت ڪان وڌيڪ شهرين جي حفاظت ۽ سهولت لاءِ بهترين قدم کنيا وڃن. وزيراعليٰ مريم نوازشريف عوام کي اپيل ڪئي آهي ته انساني حياتين جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ فرض شناسي ۽ ذميواري ۽ احساس سان گذريل بسنت جيان هڪ نئين مثال قائم ڪريو.

بقايا *** 12

ڻ هٽ ڪيو ويو ٻئي طرف سيڪيورٽي فورسز بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنه 3 جي تحت فتنة الهندستان جي خلاف ڪاروايون ڪيون سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته ضلعي سوراب جي علائقي مال مدرسه جي پرسان سيڪيورٽي فورسزجي آپريشن دوران هڪ دهشتگرد مارجي ويو سيڪيورٽي ذريعن موجب مال مدرسه ۽ ٻتيگو جي وچ ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪاروائي ڪئي وئي. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته فتنة الهندستان جي مارجي ويل دهشتگرد ڪان هٿيار ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي. سيڪيورٽي فورسز بلوچستان ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي

بقايا

ي، جڏهن ته هن پارٽي ڇڏڻ جي ترديد ڪندي چيو آهي ته پارٽي ڇڏڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. شوڪت يوسفزئي هڪ ٽي وي پروگرام ۾ ڳالهائيندي خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي بيان تي ردعمل ظاهر ڪيو ۽ پاڻ تي لڳندڙ الزامن بابت ڳالهائيندي روئي ڏنو هن چيو ته هو پارٽي جي سينيئر ميمبر هجڻ جي حيثيت سان پنهنجا خدشا ظاهر ڪندو رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته هو اصول جي ڳالهه ڪندو آهي ۽ کيس ڪنهن به قسم جو ڊپ يا خوف ناهي. شوڪت يوسفزئي چيو ته 26 نومبر واري احتجاج دوران به هن اهڙن خدشن جو اظهار ڪيو هو. جڏهن ته وڏي وزير پاران سندس خط بابت ڏنل بيان تي کيس ڏک پهتو آهي. هن چيو ته کيس سهيل آفريدي ڪان اهڙي ڳالهه جي اميد نه هئي. سندس چوڻ هو ته هن سهيل آفريدي جو دفاع ڪيو ۽ واضح ڪيو ته هو دهشتگردن جو سهولتڪار ناهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ موجب، جڏهن سهيل آفريدي 4 آڪٽوبر تي مارچ جو اعلان ڪيو هو ته هن چيو هو ته هو ان مارچ ۾ سڀ ڪان اڳيان هوندو شوڪت يوسفزئي چيو ته سوشل ميڊيا تي سندس خلاف استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ تي کيس افسوس آهي. هن چيو ته ڪجهه سوشل ميڊيا ڪارڪنن جي طرزعمل سبب پارٽي کي نقصان پهچي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته 9 مئي ڪانپوءِ جيڪي ماڻهو پي ٽي آءِ سان گڏ بيٺل رهيا آهن، انهن سخت وقت ڏٺو آهي. شوڪت يوسفزئي هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ڪيو ته هو پي ٽي آءِ ڇڏڻ وارو ناهي ۽ پارٽي ڇڏڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

بقايا *** 14

ردن کي ماري ڇڏيو جڏهن ته بلوچستان جي چاغي ۾ هڪ آپريشن دوران وڌيڪ ٻه دهشتگرد مارجي ويا. سيڪيورٽي ذريعن موجب، ٻاڙا ۾ ڪيل آپريشن دوران مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود هٿ ڪيو ويو. ذريعن موجب اهي دهشتگرد فتنة الخوارج سان تعلق رکندا هئا. فتنة الخوارج اهو اصطلاح آهي جيڪو رياست پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) سان لاڳاپيل دهشتگردن لاءِ استعمال ڪري ٿي. سيڪيورٽي ذريعن چيو ته "سيڪيورٽي فورسزجي آپريشن جي نتيجي ۾ فتنة الخوارج جون لڪل پناهگاهون مڪمل طور تباهه ڪيون ويون." ذريعن وڌيڪ چيو ته "سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي ۽ مستقل امن جي قيام لاءِ پرعزم آهن. هوڏانهن پاڪستان ٽي وي سيڪيورٽي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو ته بلوچستان جي چاغي ۾ ڪيل آپريشنز دوران سيڪيورٽي فورسز ٻن دهشتگردن کي ماري ڇڏيو وزيراعظم شهباز شريف اڱاري ڏينهن هڪ بيان ۾ خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي ساراهيو ريڊيو پاڪستان موجب، وزيراعظم چيو ته سيڪيورٽي فورسز پنهنجي پيشوراڻي صلاحيتن، همت ۽ بهادري جو مظاهرو ڪيو آهي. هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سڄي قوم پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين آپريشنز جاري رهندا. صدر آصف علي زرداري پڻ خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي خراج تحسين پيش ڪيو سرڪاري ايسوسيئيٽڊ پريس آف پاڪستان (APP) موجب، صدر پنهنجي بيان ۾ چيو ته "سڄي قوم سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن جي بهادري تي فخر ڪري ٿي." هن زور ڏنو ته دهشتگردي جي خاتمي تائين دهشتگردن خلاف آپريشنز پوري طاقت سان جاري رهندا. صدر چيو ته پاڪستاني قوم ۽ ان جون بهادر هٿياربند فوجون پاڪستان، خطي ۽ دنيا ۾ امن ۽ استحڪام جي دشمنن جون سازشون ناڪام بڻائڻ جي صلاحيت ۽ عزم رکن ٿيون. هن ٻيهر چيو ته دوست ملڪن ۽ اتحادين جي سهڪار سان امن ۽ استحڪام جي دشمنن جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويندو هي ڪاروائي بلوچستان جي شاباڻ ۽ ٻين علائقن ۾ 71 ڪان وڌيڪ دهشتگردن جي مارجي وڃڻ کان ٻه ڏينهن پوءِ ٿي آهي. فوج جي ميڊيا ونگ موجب انهن ڪاروائين دوران وڏي انگ ۾ دهشتگرد مارجي ويا هئا. پاڪستان انسٽيٽيوٽ فار ڪانفلڪٽ اينڊ سيڪيورٽي اسٽڊيز (PICSS)جي ماهوار انگن اکرن موجب، آگسٽ ۾ دهشتگرد حملن جي انگ ۾ واڌ ٿي ۽ گهٽ ۾ گهٽ 378 ماڻهو مارجي ويا. انگن اکرن موجب سيڪيورٽي فورسزجي ڪاروائين جي نتيجي ۾ 203 دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته 54 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿيا. رپورٽ موجب جولاءِ جي ڀيٽ ۾ انهن انگن ۾ گهٽتائي ٿي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته بلوچستان سڀ ڪان وڌيڪ متاثر ٿيل صوبو رهيو جنهن ڪان پوءِ خيبر پختونخوا جو نمبر آيو.

بقايا *** 15

جسٽس منور اقبال دوگر درخواست تي 6 صفحن تي ٻڌل فيصلو جاري ڪندي قرار ڏنو ته اينٽي ٽيررزم ايڪٽ تحت چالان ٿيل جوابدار جو پاسپورٽ قانون موجب ضبط ٿيل تصور ٿيندو آهي، جڏهن ته پاسپورٽ جي ضبطگي ختم ڪرڻ ۽ جوابدار کي پرڏيهه وڃڻ جي اجازت ڏيڻ جو اختيار لاڳاپيل دهشتگردي توڙ عدالت وٽ آهي. عدالت قرار ڏنو ته رڳو ضمانت منظور ٿيڻ سان جوابدار کي پاسپورٽ استعمال ڪرڻ يا پرڏيهه وڃڻ جي پاڻمرادو اجازت نٿي ملي. پرڏيهه وڃڻ لاءِ جوابدار کي لاڳاپيل دهشتگردي توڙ عدالت سان رجوع ڪرڻو پوندو فيصلي موجب پاسپورٽ ڪنٽرول يا اسٽاپ لسٽ مان ڪنهن شخص جو نالو ڪڍڻ سان قانوني طور ضبط ٿيل پاسپورٽ جي حيثيت پاڻمرادو ختم نٿي ٿئي. اينٽي ٽيررزم ايڪٽ تحت پاسپورٽ ضبط ڪرڻ ۽ ان جي مدي جو تعين ڪرڻ جو اختيار لاڳاپيل عدالت وٽ آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ قرار ڏنو ته هاءِ ڪورٽ پنهنجي آئيني اختيارن تحت سڌي ريت ٽرائل ڪورٽ جا اختيار استعمال نٿي ڪري سگهي، جڏهن ته ڪنهن انتظامي حڪم يا اسٽينڊنگ آرڊر ذريعي پارليامينٽ جي ٺاهيل قانون کي غيرموثر نٿو بڻائي سگهجي. عدالت ڊويزن بينچ جي ڪيس "فيڊريشن بنام شيخ رشيد احمد" جي فيصلي کي به نظير طور برقرار رکيو جڏهن ته ايف آءِ اي ۽ اميگريشن اختيارين پاران 6 ۽ 19 مئي تي کنيل قدمن کي قانون موجب قرار ڏنو ويو درخواستگذار خلاف ٿاڻي سرور روڊ ۾ 9 مئي جي واقعن جو ڪيس نمبر 96/23 داخل ٿيل آهي. سماعت دوران پنجاب حڪومت طرفان اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل محمد عثمان خان پيش ٿيو ۽ درخواستگذار جو نالو پاسپورٽ ڪنٽرول لسٽ مان ڪڍڻ جي مخالفت ڪندي موقف اختيار ڪيو ته پاسپورٽ جي ضبطگي ختم ڪرڻ ۽ پرڏيهه وڃڻ جي اجازت ڏيڻ جو اختيار لاڳاپيل دهشتگردي توڙ عدالت وٽ آهي فريقين جا دليل ٻڌڻ ۽ قانوني نقطن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ لاهور هاءِ ڪورٽ درخواست خارج ڪري ڇڏي.

بقايا *** 16

ملاقات ۾ لانگ مارچ بابت ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ ڳالهيون ٿينديون، ملاقات ۾ ملڪي سياسي صورتحال ۽ پارلياماني معاملن بابت بحث هيٺ ايندا. بيرسٽر گوهر پي ٽي آءِ جي گرفتار ميمبرن ۽ وڌيڪ گرفتارين بابت ميمبرن جي خدشن ڪان اسپيڪر کي آگاهه ڪندو بيرسٽر گوهر ۽ اياز صادق جي وچ ۾ گذريل ڏينهن ٽيليفون تي ڳالهيون ٿيون هيون. پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر ميڊيا سان ڳالهين ۾ چيو ته اسپيڪر سان ٽيليفون تي رابطو ڪالهه ٿي ويو هو اڄ انهي سان ملاقات جو امڪان نه آهي. ڪالهه قومي اسيمبلي جو اسپيڪر موجود نه هو اڄ مان مصروف آهيان. هن جو چوڻ هو ته ايمرجنسي نه لڳڻ گهرجي، نه ئي ايمرجنسي جي صورتحال آهي، لانگ مارچ اسان جو سياسي فيصلو آهي ۽ لانگ مارچ اٽل آهي. لانگ مارچ سياسي ۽ پرامن هوندو اسان ڪنهن تي به چڙهائي نه ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته خيبرپختونخواهه جو وزيراعليٰ سهيل آفريدي ئي رهندو ايم پي ايز وزيراعليٰ جي لاءِ پنهنجون سيٽون پنهنجن ڪيسن رکن بيرسٽر گوهر چيو ته شوڪت يوسفزئي مون کي واٽس ايپ تي خط اماڻيو اهو منهنجي ۽ انهي جي وچ ۾ ڳالهه آهي. هر ڪو راءِ ڏئي سگهي ٿو اسان شوڪت يوسفزئي جي راءِ جي قدر ڪريون ٿا، نه پارٽي کي شوڪت يوسفزئي سان ناراضگي آهي نه ئي شوڪت يوسفزئي ناراض آهي، اهو اڃا تائين اسان جي پارٽي جو صوبائي سيڪريٽري اطلاعات آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته هي هڪ جمهوري پارٽي آهي، اهڙا خط ايندا رهندا آهن، مون کي هن هفتي پارٽي جا 180 خط آيا هوندا، هر خط جو جواب نه ڏيئي سگهان، اپوزيشن اڳواڻ ۽ وزيراعظم جي ملاقات آئيني معاملو آهي، ٻنهي جي ملاقات ضرور ٿيڻ گهرجي، رانا ثناءالله منهنجي به ڳالهه ڪئي آهي، پر منهنجي ملاقات ۾ موجودگي جو انحصار محمود اچڪزئي سان آهي.

بقايا *** 17

ترجمان جو چوڻ آهي ته پيٽرول ۽ ٻين تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب مال پالڻ ۽ کير جي فراهمي جا خرچ وڌي ويا آهن، جنهن ڪري فارمرز سخت معاشي دٻاءَ جو شڪار آهن. ترجمان موجب کير جي صنعت مسلسل بحران جو شڪار آهي، پر ڪمشنر ڪراچي پاران فارمرز جي مسئلن کي نظر ۾ رکندي مناسب سرڪاري اگهه مقرر نه پيو ڪيو وڃي. هن چيو ته جيڪڏهن کير جو مناسب سرڪاري اگهه مقرر نه ڪيو ويو ته کير جو في ليٽر اگهه 300 رپيا ڪرڻ تي مجبور ٿينداسين ڊيري فارمرز ايسوسيئيشن مطالبو ڪيو آهي ته انتظاميا فارمرز ۽ کير جي واپارين سان صلاح مشورا ڪري کير جو نئون مناسب اگهه مقرر ڪري، جيئن فارمرز کي وڌندڙ خرچن مان رليف ملي سگهي ۽ صارفين تي به اڻچتو اضافي بار نه پوي.

بقايا *** 18

حڪومت جي عزم کي ٻيهر ورجايو ان تقريب ۾ ڪاٽي جي سرپرست اعليٰ ايس ايم تنوير، صدر محمد اڪرام راجپوت، نائب سرپرست اعليٰ زبير چاڇا، سينيئر نائب صدر زاهد حميد، نائب صدر سيد محمد طلحه علي، نوان چونڊيل صدر شيخ عمر ريحان، سينيئر نائب صدر سيد فرخ علي قنڌاري، نائب صدر ناصر شيخ، نامور صنعتڪارن، ڪاروباري اڳواڻن، اڳوڻن عهديدارن ۽ صنعتي برادري جي ميمبرن شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير ملڪ جي معيشت ۾ ڪيل خدمتن تي ڪاٽي جي قيادت ۽ ڪراچي جي صنعتي برادري جا ٿورا مڃيا ۽ ايسوسيئيشن کي "ڪراچي جو صنعتي آواز" ۽ پاڪستان جي اقتصادي ترقي ۾ هڪ اهم ڀائيوار قرار ڏنو هن چيو هي رڳو رات جي ماني جي دعوت ناهي؛ هي حڪومت ۽ ڪاروباري برادري جي وچ ۾ دائمي لاڳاپن جو عڪس آهي. مان پاڻ کي سنڌ جي اقتصادي ترقي ۾ توهان جو ڀائيوار ۽ ساٿي سمجهان ٿو مراد شاهه مرحوم ڪاروباري اڳواڻ ايس ايم منير کي شاندار لفظن ۾ ڀيٽا پيش ڪندي کيس هڪ دورانديش صنعتڪار ۽ ڪاروباري برادري جو هڪ طاقتور آواز قرار ڏنو هن چيو ايس ايم منير نه رڳو هر فورم تي صنعت کي درپيش مسئلن کي اجاگر ڪيو پر حڪومت ۽ نجي شعبي جي وچ ۾ لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو وڏي وزير ايس ايم تنوير ۽ زبير چاڇا جي به تعريف ڪئي ته هنن ڪاروباري قيادت جي ورثي کي اڳتي وڌايو ۽ حڪومت ۽ صنعت جي وچ ۾ سهڪار کي مضبوط ڪيو ڪراچي: پاڪستان جو اقتصادي انجڻ: قومي معيشت ۾ ڪراچي جي مرڪزي ڪردار کي اجاگر ڪندي مراد شاهه چيو ته هي شهر پاڪستان جو اقتصادي انجڻ آهي، جيڪو صنعتن، بندرگاهن، واپار، برآمدات ۽ سيڙپڪاري جي موقعن جو گهر آهي. هن چيو ڪراچي جون صنعتون لکين ماڻهن جي روزگار جو وسيلو آهن. هڪ فيڪٽري رڳو هڪ عمارت ناهي؛ هي سوين خاندانن جي آمدني جو ذريعو آهي. هر صنعت جي چوڌاري سپلائرز، ٽرانسپورٽرز، پورهيت، بئنڪون ۽ بيشمار ننڍا ڪاروبار گهمندا آهن. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هڪ مضبوط معيشت لاءِ هڪ مضبوط صنعتي شعبو لازمي آهي. هن چيو جيڪڏهن ڪراچي مضبوط آهي ته سنڌ مضبوط ٿيندي ۽ جيڪڏهن سنڌ مضبوط آهي ته پاڪستان مضبوط ٿيندو وڏي وزير اعلان ڪيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي صنعتي علائقن ۾ انفراسٽرڪچر جي بحالي ۽ بهتري لاءِ 9.282 ارب رپيا منظور ڪيا آهن. هن چيو ته ڪورنگي صنعتي علائقي ۾ رستن، نيڪال جي نظام ۽ ٻين ضروري سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪاٽي جي فنڊن مان ترقياتي اسڪيمون اڳي ئي هلي رهيون آهن. هن چيو صنعتي ترقي لاءِ رڳو زمين ڪان وڌيڪ ڪجهه گهرجي. ان لاءِ رستا، پاڻي، نيڪال جو نظام، بجلي، گئس، ٽرانسپورٽ جون سهولتون، امن امان، پاليسين جو تسلسل ۽ حڪومتي حمايت گهرجي ٿي. اهي سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي. مراد شاهه صنعتڪارن کي يقين ڏياريو ته صوبائي حڪومت جي اختيار ۾ ايندڙ مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو اسان رڳو اعلانن جي سياست تي يقين نٿا رکون. اسان عملي نتيجا ڏيڻ تي يقين رکون ٿا. حڪومت ۽ صنعت جي وچ ۾ ڀائيواري: وڏي وزير زور ڏنو ته پائيدار اقتصادي ترقي رڳو حڪومت ۽ نجي شعبي جي وچ ۾ مضبوط سهڪار ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. هن چيو توهان سيڙپڪاري ڪريو؛ اسان انفراسٽرڪچر فراهم ڪنداسين. توهان نوڪريون پيدا ڪريو؛ اسان ڪاروبار کي آسان بڻائينداسين. توهان برآمدات وڌايو؛ اسان ڪاروباري ماحول کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. پاڪستان جي ترقي ان ڀائيواري تي ٻڌل آهي. هن ڪاروباري اڳواڻن کي يقين ڏياريو ته حڪومت سندن خدشن کي ٻڌندي رهندي ۽ ڳالهين ۽ مشاورت ذريعي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ساڻن گڏجي ڪم ڪندي. ٽيڪنالاجي ۽ جدت کي اپنائڻ: مستقبل جي اقتصادي موقعن بابت ڳالهائيندي، مراد شاهه صنعتن تي زور ڏنو ته اهي ٽيڪنالاجي، جدت ۽ ڊجيٽل تبديلي کي اپنائين. هن چيو عالمي معيشت تيزي سان تبديل ٿي رهي آهي. اسان مصنوعي ذهانت، آٽوميشن، ۽ مستقبل جي نسلن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ صنعت ۽ حڪومت کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو گڏيل ڪوششون ڪراچي جي ملڪ جي اقتصادي مرڪز طور پنهنجي حيثيت برقرار رکڻ ۾ مدد ڪنديون. صدر ڪاٽي محمد اڪرام راجپوت چيو ته ڪاٽي هميشه حڪومت ۽ ڪاروباري برادري جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان سنڌ حڪومت جي صنعت سان مسلسل رابطي جي ساراهيون ٿا ۽ اقتصادي ترقي، سيڙپڪاري جي فروغ ۽ نوڪرين جي پيدائش لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون. هن وڌيڪ چيو ته صنعتي شعبو پاڪستان جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي آهي. تعميري ڳالهين ۽ ڀائيواري ذريعي، اسان چئلينجن کي منهن ڏئي سگهون ٿا ۽ صنعت ۽ برآمدات لاءِ نوان موقعا کولي سگهون ٿا. نائب سرپرست اعليٰ ڪاٽي زبير چاڇا چيو ڪراچي جي صنعتي برادري بيشمار چئلينجن جي باوجود قومي اقتصادي ترقي ۾ مسلسل پنهنجو حصو ملايو آهي. پائيدار ترقي لاءِ حڪومت ۽ صنعت جي وچ ۾ مسلسل تعاون ضروري آهي. وڌيڪ چيو اسان صنعتي انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ ۽ ڪاروبار سان لاڳاپيل مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم کي ڀليڪار چئون ٿا. مضبوط پبلڪ پرائيويٽ سهڪار سيڙپڪارن جي اعتماد کي مضبوط ڪندو ۽ اقتصادي سرگرمين کي تيز ڪندو.

بقايا *** 19

موجب انهي جي پارٽي جي گذريل هفتي ٿيندڙ پارلياماني چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. 395 رڪني اسيمبلي ۾ صداقت ۽ جديديت پارٽي 97 سيٽون کٽيون جيڪي ٻئي نمبر تي ايندڙ پارٽي ڪان 31 سيٽون وڌيڪ آهن جنهن 66 سيٽون حاصل ڪيون. پارليامينٽ ۾ واضح اڪثريت نه هجڻ سبب انهي جي پارٽي کي ٻين پارٽين سان اتحاد ڪرڻو پوندو شاهي ڪابينه موجب شاهه محمد ڇهين 50 ورهين جي فاطمه زهرا المنصوري جيڪا انهي کان اڳ وزير هائوسنگ به رهي چڪي آهي ۽ مراڪش شهر جي ميئر به آهي کي نئين حڪومت جوڙڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي. فاطمه زهرا المنصوري انهي کان اڳ 2009ع ۾ به مراڪش جي ميئر چونڊجي هئي، اها انهي عهدي تي مقرر ٿيندڙ پهرين عورت هئي. فاطمه زهرا المنصوري مراڪش جي پهرين ۽ عرب دنيا جي ٻي نئين عورت وزيراعظم آهي. ياد رهي ته مراڪش ۾ نيم آئيني بادشاهت جو نظام قائم آهي جتي اقتدار جو اصل سرچشمو شاهه محمد ڇهون آهي ۽ پارليامينٽ وٽ قانونسازي جا محدود پر اهم اختيار آهن. ڏنو وڃي ته 2011 ۾ آئيني اصلاحات جي ذريعي پارليامينٽ کي ماضي ڪان وڌيڪ خودمختياري ڏني وئي پر اهم پاليسي معاملن ۾ بادشاهه وٽ هن وقت به وسيع تر اختيار موجود آهن.

بقايا *** 20

آهي، صحافي ۽ سياسي پارٽي هڪ ئي گاڏي جا ڦيٿا آهن. هن چيو ته پيپلزپارٽي هميشه فراخدلي جو مظاهرو ڪيو تنقيد برداشت ڪئي، پيپلز پارٽي جي حڪومت گذريل 18 سالن کان بهترين ڪم ڪيا آهن جنهن سان عوام کي تمام گهڻيون سهولتون مليون آهن. هن چيو ته سنڌ وزن جي حوالي سان بلاول ڀٽو ۽ سنڌ جي وڏي وزير کي بريفنگ ڏئي چڪا آهيون، نومبر ۾ اطلاعات کاتو سکر ۽ ٿرپارڪر ۾ سنڌ وزن تي ڪانفرنس ڪرائڻ چاهي ٿو جنهن ۾ سموري پاڪستان سميت پرڏيهي صحافين کي گهرايو ويندو شرجيل ميمڻ چيو ته سنڌ وزن ۾ سنڌ حڪومت جا ڪم ڏيکارينداسين، اسان اهڙا ڪم ڪيا آهن جنهن کي سڄي دنيا ۾ ڀرپور موٽ ملي آهي، صحت جا ادارا، هائوسنگ اسڪيمون ۽ پبلڪ پرائيويٽ منصوبا سڄي دنيا ۾ تعريف جوڳا آهن. هائوسنگ سيڪٽر ۾ دنيا ۾ اسان جو وڏو منصوبو هلي رهيو آهي. مينگروز ۾ گرين ورلڊ بڪ ۾ سنڌ حڪومت جو نالو آيو آهي. سکر ۽ ٿرپارڪر ۾ 2 تقريبون ٿينديون جنهن ۾ ڪراچي پريس ڪلب به شامل هوندي اهو پروگرام سنڌ جو اطلاعات کاتو هوندو شرجيل ميمڻ ٻڌايو ته آڪٽوبر ۾ سنڌ جي وڏي وزيرجي اڳواڻي ۾ اعليٰ سطحي وفد چين ويندو 15 آڪٽوبر تي شنگهائي ۾ سرمائيڪار ڪانفرنس ٿيندي جنهن ۾ سنڌ حڪومت ڀرپور طريقي سان شرڪت ڪندي. هن چيو ته عالمي سرمائيڪار سنڌ ۾ سرمائيڪاري ڪندا انهي سان سنڌ ۾ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا. هن چيو ته سياسي ۽ معاشي استحڪام جي لاءِ ضروري آهي. اسان کي صحافت کي مضبوط ڪرڻو آهي. گذريل ڪجهه سالن ۾ ٽرانسپورٽ جون سهولتون مليون آهن. يونيورسٽي روڊ تي هڪ وڏي تنقيد هئي، مون انهي ڏينهن به چيو هو ته 2 مهينن کان پوءِ کوليو ويندو اهو هڪ ايونٽ هو اهو سنڌ حڪومت جو ايونٽ نه هو انهن شاميانا لڳايا ڪرسيون لڳايون ۽ ريڊ ڪارپيٽ جو ٽڪرو به انهن ئي وڇايو هو. سوشل ميڊيا تي ڪوڙيون خبرون پکيڙيون ويون. يونيورسٽي روڊ هاڻ ٽريفڪ لاءِ آزار نه بڻجندو سائيڊ جا روڊ بڻجندا. شرجيل ميمڻ چيو ته هڪ هزار بسون اسان جي پائپ لائن ۾ آهن. جڏهن ته هڪ سئو بسون اچي رهيون آهن اهو نه رڪجندڙ سلسلو آهي، شهرين کي بهترين ٽرانسپورٽ فراهم ڪئي آهي. آئين جي تحت صوبو بڻجندو ته سنڌ اسيمبلي مان بڻجندو هن چيو ته وفاقي وزيرن جي بيانن تي ڪنهن کي به پريشان نه ٿيڻ گهرجي، محسن نقوي ۽ صدر جي باري ۾ افواهن تي ٻڌل خبرون هلي رهيون آهن. غلط خبر هلڻ سان سڄي فيملي متاثر ٿيندي، خبر بيشڪ هلايو ڪنهن جي خواهشن تي خبر نه هلڻ گهرجي. شرجيل ميمڻ چيو ته جيڪڏهن ڪو به بي بنياد خبرون هلائي رهيو آهي ته پريس ڪلب ۽ صحافين جي يونين ڪاروائي ڪري، ڪوڙين خبرون هلائڻ تي ڪاروائي ٿيڻ گهرجي.

بقايا *** 21

ت ۾ تيزي جو لاڙو رهيو ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1385.43 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ هڪ لک 70 هزار 985 پوائنٽس تائين پهچي ويو. شروعاتي سيشن ۾ 217.45 ملين شيئرجي مٽاسٽا ٿي، جن جي ماليت 10.052 ارب رپيا هئي. تصديق انفارميشن سروسز لميٽيڊ جا 32.30 ملين شيئر سينئر جي پي ڪي لميٽيڊ جا 14.27 ملين شيئر ۽ پاڪستان انٽرنيشنل بلڪ ٽرمينل جي 13.64 ملين شيئرز جي مٽاسٽا ٿي. ٽراءِ اسٽار ميوچل فنڊ ۽ سنڌ مضاربه ترتيبوار پهرين ۽ ٻي نمبر تي ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون.

بقايا *** 22

سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو اسٽيٽ بئنڪ پاران جاري ڪيل انگن اکرن موجب 18 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ بئنڪن پاران خانگي شعبي کي فراهم ڪيل قرض جو ڪاٿو 11.15 ٽريلين تائين پهچي ويو جيڪو گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ هڪ سيڪڙو وڌيڪ آهي. گذريل هفتي جي پڇاڙي تي بئنڪن پاران خانگي شعبي کي فراهم ڪيل قرض جو ڪاٿو 11.04 ٽريلين رپيا رڪارڊ ڪيو ويو جاري مالي سال جي شروعات کان وٺي هن وقت تائين بئنڪن پاران خانگي شعبي کي فراهم ڪيل قرض ۾ گڏيل طور تي 2.2 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي، گذريل مالي سال جي پڇاڙي تي خانگي شعبي کي فراهم ڪيل قرض جو ڪاٿو 11.412 ٽريلين رپيا رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 23

جو آمريڪا ۽ برطانيه جو دورو مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ ملڪ واپس پهچي ويو آهي. وزيراعظم شهباز شريف ڏينهن ٻنپهرن جو لوٽن ايئرپورٽ ڪان پاڪستان لاءِ روانو ٿيو آهي جي خصوصي جهاز اڏام بيلاروس، قازقستان جي رستي سوا 8 ڪلاڪن دوران اسلام آباد پهتي. وزيراعظم شهباز شريف 5 ڏينهن آمريڪا جڏهن ته 9 ڏينهن تائين لنڊن ۾ قيام ڪيو وزيراعظم هائوس جي پڌرائي موجب وزيراعظم شهباز شريف گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس ۾ شرڪت ڪان پوءِ ملڪ واپس پهتو گهرو وزير محسن نقوي، اطلاعات واري وزير عطاءالله تارڙ ۽ گهرو معاملن بابت مملڪتي وزير طلال چوڌري وزيراعظم شهباز شريف جو استقبال ڪيو وزيراعظم جنرل اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ۾ پاڪستان جو موقف موثر انداز ۾ پيش ڪيو وزيراعظم عالمي اڳواڻن ۽ اعليٰ اختيارين ڪان اهم ٻطرفي ملاقاتون پڻ ڪيون.

بقايا *** 24

کي جنگي ڏوهاري قرار ڏئي ڇڏيو برطانوي براڊڪاسٽر پيئرز مورگن کي انٽرويو ڏيندي قطرجي وزيراعظم چيو ته غزا ۾ جيڪي ڪجهه ڪيو ويو اهو جنگي ڏوهه آهي ۽ ان جو جيڪو به ذميوار آهي، اهو جنگي ڏوهاري آهي. شيخ محمد بن عبدالرحمان الثاني حماس جي فوجي ڪاروائين جي مالي مدد بابت لڳايل الزامن کي رد ڪندي چيو ته اسرائيلي حڪومت قطر خلاف مهم هلائي، جنهن جو مقصد ثالث طور قطرجي ڪردار کي ڪمزور ڪرڻ هو. قطر جي وزيراعظم چيو ته غزا ۾ اسپتالن ۽ اسڪولن کي نشانو بڻايو ويو، اهڙين ڪاروائين کي ڪو به جواز يا دليل درست ثابت نٿو ڪري سگهي. هن چيو ته نيتن ياهو سميت جيڪو به انهن ڪاروائين جو ذميوار آهي، اهو جنگي ڏوهاري آهي.

بقايا *** 25

ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. اربع ڏينهن بلاول هائوس جي ميڊيا سيل پاران جاري بيان ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سوڳوار خاندان سان دلي افسوس ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته انورجان ميراڻي پارٽي جو اثاثو هو، پارٽي لاءِ سندس خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو هن انورجان ميراڻي لاءِ جنت الفردوس ۽ پوئترن جي صبر لاءِ دعا ڪئي.

بقايا *** 26

سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسزجي پيشيوراڻي مهارت ۽ بهادري فخرجوڳي آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، صدرچيو ته ملڪ جي امن ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ دهشتگردي خلاف ڪاروايون جاري رهنديون. پرڏيهي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن جي ناپاڪ ارادن کي هر قيمت تي ناڪام بڻايو ويندو

بقايا *** 27

منتقل ڪيو ويو هو جتي علاج دوران وڌيڪ 3 ٻارن مان 2 جي حالت گهڻي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي. گذريل ڏينهن مري جي علائقي موهڙه ٻڙا هوٽر ۾ اسڪول وين اونهي کاهي ۾ ڪري پئي هئي جنهن ڪان پوءِ گاڏي ۾ باهه لڳڻ سبب 11 ٻار سڙي زخمي ٿي پيا هئا جن مان 7 ٻارن کي سول اسپتال مري جڏهن ته 4 کي هولي فيملي اسپتال راولپنڊي منتقل ڪيو ويو هو هولي فيملي اسپتال جي ايمرجنسي ۾ آندل 4 ٻارن مان 14 ورهين جي عائشه ڌيءَ ڪليم جو جسم 45 سيڪڙو سڙي ويو هو جيڪا اربع جي ڏينهن فوت ٿي وئي، عائشه جو 11 ورهين جو ڀاءُ عبدالله ولد ڪليم به علاج هيٺ آهي جنهن جو جسم 5 سيڪڙو سڙي چڪو آهي. ارحم ولد علي نواز، عمر 8 سال جو جسم 60 سيڪڙو جڏهن ته حسن ولد طالب، عمر 8 سال جو جسم 28 سيڪڙو باهه سبب سڙي چڪو آهي. چارئي ٻار هولي فيملي اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن جن مان 2 ٻارن جي حالت گهڻي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي. ايم ايس هولي فيملي اسپتال ڊاڪٽر اعجاز بٽ موجب عائشه ڌيءَ ڪليم ڊاڪٽرن جي سمورين ڪوششن جي باوجود صحتياب نه ٿي سگهي.

بقايا *** 28

عملي به جاري ڪري ڇڏي. قرضن جي بار هيٺيان دٻيل ملڪي معيشت جي لاءِ حڪومت وڌيڪ قرض وٺڻ جو منصوبو تيار ڪري ورتو وفاقي حڪومت هلندڙ مالي سال بجيٽ خسارو پورو ڪرڻ لاءِ 7 هزار 20 ارب رپيه قرض وٺندي. مقامي ذريعن ڪان 6 هزار 46 ارب ۽ ٻاهرين ذريعن ڪان 813 ارب رپيه حاصل ڪيا ويندا. حڪومت 2026 ڪان 2028 تائين جي 3 سالن واري قرض حڪمت عملي به فائنل ڪري ورتي. رپورٽ موجب ناڻي واري وزارت هلندڙ مالي سال نجڪاري ڪان 161 ارب رپيه حاصل ٿيڻ جو اندازو لڳايو آهي مقامي قرضن ۾ پاڪستان انويسٽمينٽ بانڊز ڪان 4 هزار 580 ارب رپيه جڏهن ته سڪوڪ ۽ ٻين اسلامي مالياتي ذريعن ڪان 3 هزار 758 ارب رپيه خالص قرض وٺڻ جو منصوبو آهي. ناڻي واري وزارت جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته حڪومت جا گڏيل ٻاهريان قرض 13 ارب 37 ڪروڙ 80 لک ڊالر رهڻ جو اندازو آهي. جڏهن ته 10 ارب 57 ڪروڙ 40 لک ڊالرجي ادائيگي جو امڪان آهي. ٻاهرين ذريعن ڪان خالص 2 ارب 80 ڪروڙ 40 لک ڊالر حاصل ٿيڻ جو اندازو آهي، هلندڙ مالي سال 2 ارب ڊالر جا بانڊز جاري ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. ناڻي واري وزارت جي رپورٽ ۾ جاٽيو ڪرڻ کي ترجيح ڏني ويندي. جڏهن ته ڊگهي مدي ۽ فلوٽنگ ريٽ وارا قرض محدود رکيا ويندا. ناڻي واري وزارت چيو آهي ته حڪومت آسان شرطن تي ڊگهي مدي جي قرضن، شرعي اصولن موجب بانڊز ۽ بينڪن ڪان علاوه ٻئي سرمائيڪاري جي شموليت کي ترجيح ڏيندي، قرض حڪمت عملي تي عملدرآمد عالمي معاشي حالتن، جغرافيائي سياسي صورتحال ۽ مالياتي نظم وضبط سان مشروط هوندو.

بقايا *** 29

ٻه وڌيڪ لاڳت ايندي جديدڪاري سان 310 ميگاواٽ اضافي پن بجلي حاصل ٿيندي. پلاننگ ڪميشن موجب سرڪاري شعبي جي ترقياتي منصوبن ۾ ان منصوبي جي رقم مقرر ڪئي وئي آهي. منگلا پاور اسٽيشن جي جديد نقطن جي بحالي جي اسٽيشن جي پيداواري يونٽس جي عمر ۾ به اضافو ٿيندو ان قدم سان مهانگي ٿرمل بجلي تي ڀروسو گهٽ ڪرڻ ۽ ملڪ جي توانائي ضرورتن کي بهتر انداز ۾ پوري ڪرڻ ۾ مدد ملندي. منگلا پاور اسٽيشن ڪيترن ئي ڏهاڪن ڪان پاڪستان جي توانائي نظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 30

ڪان مٿانهون نه هوندو ۽ جيڪڏهن وفاقي حڪومت ان معاملي تي پيپلز پارٽي سان صلاح مشورو ڪيو ته آئين موجب مشورو ڏنو ويندو ته پ پ اڳواڻ موجب، خيبر پختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال بابت خدشا موجود آهن، گورنر راج بابت ڪو به قدم آئيني طريقيڪار تحت ئي کنيو وڃي سگهي ٿو.

بقايا *** 31

مير علي ۾ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪندي فتنه الخوارج جي 3 دهشتگردن کي جهنم حوالي ڪري ڇڏيو. سيڪيورٽي ذريعن مطابق فورسز مير علي ۽ ان جي پرپاسي ۾ خوارجين جي ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو ڪاروائي ڪانپوءِ مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار ۽ بارود هٿ ڪري ورتو سيڪيورٽي فورسز، مير علي بازار ۽ ويجهو خارجي دهشتگردن طرفان راشن جي ترڪ ڦرڪرڻ ۽ روڪڻ جي ڪوشش کي به وقت سر ڪاروائي ڪندي ناڪام بڻائي ڇڏيو سيڪيورٽي اختيارين عزم ظاهر ڪيو آهي ته خطي ۾ مڪمل امن جي بحالي تائين دهشتگرد عنصرن جو پيڇو جاري رهندو.

بقايا *** 32

گيلاني سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي امان الحق ۽ آزاد ڪشمير جو رٽائرڊ سينيئر بيوروڪريٽ ڊاڪٽر سيد آصف حسين شاهه ساڻس گڏ هيو ملاقات ۾ چيئرمين سندس ٽيم آزاد جمون ڪشمير رياست ۾ سياحت جي وڌيڪ موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان ڪان علاوه ملڪي ۽ عالمي سطح تي سياحت کي هٿي ڏيڻ رياست جي منظر نامي کي بدلائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. آزاد ڪشمير جي حڪومت ۽ محمود الحق گڏيل طور تي سياحت کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏجي ڪري ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. ان سلسلي ۾ ڪيترين ئي تجويزون غورهيٺ آهن جن کي جلد حتمي شڪل ڏني ويندي.

بقايا *** 33

۾ گڏيل عرب امارات جي نائب صدر ۽ نائب وزيراعظم شيخ منصور بن زايد آل نهيان ملاقات ڪئي. پرڏيهي ميڊيا موجب شيخ منصور بن زايد امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد آل نهيان پاران سعودي ولي عهد کي خير سگالي جو پيغام ڏنو شهزاده محمد بن سلمان به گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد آل نهيان لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ٻنهي اڳواڻن سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات وچ ۾ لاڳاپن جو جائزو ورتو ۽ خطي جي تازي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا *** 34

ي نتيجي ۾ عورتن سميت 15 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ ٿيل جهيڙي دوران هڪ ڌر جا محمد، شريف، محراب، عبدالله، سهراب، محمد ابراهيم ۽ نذير احمد زخمي ٿي پيا. جڏهن ته ٻي ڌر جا پيراڻو محمد علي، مائي گل بانو، مائي خديجه، مائي بيگم، مائي رحيمان ۽ ٻيا پڻ زخمي ٿي پيا. زخمين کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. زخمين جو چوڻ هو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ سڱاوتي جو مسئلو هلندڙ هو جنهن بابت فيصلو به ٿي چڪو آهي، پر مخالف ڌر فيصلي تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن تان جهيڙو پيش آيو.

بقايا *** 35

سسٽم سان نه جڙندڙ رجسٽرڊ ڪاروباري مرڪزجي خلاف ڪاروائي ڪري سگهبي. نوٽيفڪيشن موجب پروڊڪشن مانيٽرنگ، وڊيو سرويلنس يا ڊيجيٽل آئي سسٽم لڳائڻ لازمي هوندو ايف بي آر سسٽم سان نه جڙندڙ رجسٽرڊ ڪاروبار انهي ڪاروائي جي هيٺيان ايندا. ايف بي آر جي نوٽيفڪيشن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪاروبار سيل ڪرڻ جي لاءِ ضرورت پوڻ تي پوليس جي مدد ورتي ويندي. ڪمشنر ان لينڊ روينيو رپورٽ جي بنياد تي ڪاروائي شروع ڪري سگهندو اسسٽنٽ ڪمشنر يا انهي ڪان مٿان جو آفيسر لکت ۾ رپورٽ ڪمشنر کي ڏيندو نوٽيفڪيشن موجب ڪمشنر انڪوائري ڪرڻ ڪان پوءِ چيف ڪمشنر کي رپورٽ اماڻيندو چيف ڪمشنر ڪاروبار سيل ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو لکت ۾ حڪم جاري ڪندو ڪاروباري هنڌ جو مڪمل يا صرف مخصوص حصو سيل ڪري سگهبو سيل ڪرڻ کان اڳ ڪاروباري شخص کي حڪم جي ڪاپي ڏني ويندي. ايف بي آر پڌران سيل رهندو جيستائين مانيٽرنگ سسٽم ايف بي آر سان جڙي نٿو وڃي. جڏهن ته سيل ٿيل ڪاروبار کولرائڻ جي لاءِ ڏنڊ ادا ڪرڻ سان گڏ مانيٽرنگ سسٽم لڳائڻو پوندو نوٽيفڪيشن موجب سسٽم جي لڳائڻ وقت ايف بي آرجي ٽيڪنيڪل ٽيم موجود هوندي، جڏهن ته سسٽم لڳائڻ کان پوءِ ڪمشنر 3 ڏينهن جي اندر سرٽيفڪيٽ جاري ڪندو اليڪٽرانڪ مانيٽرنگ جي قائدن جو دائرو وڌيڪ ڪاروبارن ۽ مينوفيڪچرز تي به لاڳو ٿي سگهي ٿو.

بقايا عوامي سوچ 01

واسين پاران مليرجي قومي سردار ۽ ايم اين اي سردار جام عبدالڪريم ٻجار خان جوکيو خلاف علي حسن زهري جي مبينا بيانن ۽ تنقيدي زبان جي مذمت ڪندي جنگشاهي شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ جنگشاهي بس اسٽاپ کان جنگشاهي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جنهن جي اڳواڻي اڳوڻي يوسي ناظم بشيراحمد جوکيو، يوسي ڪوهستان جي چيئرمين بابو غلام مصطفيٰ جوکيو ۽ ٻين ڪئي. ريلي دوران مظاهرين علي حسن زهري خلاف نعريبازي ڪندي پنهنجي سخت احتجاج جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي اڳواڻن ۽ احتجاج ڪندڙن خطاب ڪندي چيو ته سردار جام عبدالڪريم جوکيو پاران ضلعي مليرجي سنڌي وسندين ۽ مقامي ماڻهن جي زمينن بابت مبينا قبضي خلاف آواز اٿارڻ، ايجوڪيشن سٽي جي معاملي تي احتجاج ڪرڻ ۽ مقامي سنڌي ۽ بلوچ برادرين جي زمينن ۽ وسندين بابت پيدا ٿيل خدشن کي اجاگر ڪرڻ تي علي حسن زهري پاران سوشل ميڊيا ۽ هڪ پروگرام دوران تنقيدي ۽ مبينا طور نامناسب بيان ڏنا ويا، جن جي هو سخت مذمت ڪن ٿا. هنن چيو ته مليرجي مقامي سنڌي ۽ بلوچ برادرين جي زمينن ۽ وسندين بابت پيدا ٿيل خدشن کي اجاگر ڪرڻ هر چونڊيل نمائندي ۽ مقامي ماڻهن جو حق آهي. سياسي ۽ سماجي معاملن تي اختلاف راءِ ٿي سگهي ٿو، پر ڪنهن به اڳواڻ خلاف ذاتي نوعيت جا الزام، توهين آميز يا نامناسب زبان استعمال ڪرڻ بدران مسئلن تي سنجيده ۽ دليل سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي. احتجاج ڪندڙن چيو ته سردار جام عبدالڪريم جوکيو اڪيلو ناهي، يوسي جنگشاهي ۽ يوسي ڪوهستان جا رهواسي سندس ساڻس گڏ بيٺل آهن ۽ سندس ڪردار ڪشي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. هنن چيو ته ڪنهن به شخص جي عزت، وقار ۽ شخصيت کي نشانو بڻائڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. اڳواڻن علي حسن زهري کان مطالبو ڪيو ته هو پنهنجي مبينا بيانن ۽ استعمال ڪيل لفظن تي نظرثاني ڪندي سردار جام عبدالڪريم جوکيو جي دل آزاري تي فوري طور معافي وٺي ۽ آئنده اهڙي بيان بازي کان پاسو ڪري. احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته جيستائين سندن مطالبن تي غور نه ڪيو ويو ته پرامن احتجاج جو دائرو مڪلي، ٺٽي سميت ضلعي جي ٻين علائقن تائين وڌايو ويندو ۽ مطالبن جي حل تائين احتجاج جاري رکيو ويندو. احتجاجي ريلي ۾ يوسي جنگشاهي، يوسي ڪوهستان ۽ ڀرپاسي جي مختلف ڳوٺن سان تعلق رکندڙ سوين رهواسين، مقامي ماڻهن ۽ مختلف برادرين جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 02

ڏيڍڪروڙ رپين کان مٿي جونقصان ٿي ويو اسلام ڪوٽ ۾ ڪاشي فلورمل کي اچانڪ باهه لڳي وئي اندرپيل ڪٽڪ صاف ٿيل اٽو ۽ مشينري سميت سڙي رک ٿي ويئو جنهن ۾ ڏيڍڪروڙ روپين کان مٿي جو نقصان ٻڌايو پيو وڃي تفصيل موجب اسلام ڪوٽ ۾ ڪاشي فلورمل کي رات جو ديرسان اچانڪ باهه لڳي وئي جنهن سبب مالڪ پريم مکي چيوت موقعي تي فائربرگيڊ گاڏي ن پهچي سگهي ديرٿيڻ سبب ڏيڍ ڪروڙ کان مٿي جونقصان ٿي ويوآهي پريم مگي چيوت اندرڪٽڪ ٽرالرڪان مٿي پيل هئي اٽوءِ فلورمل جي مشينري سميت ڄاڻايل نقصان ٿيو آهي

بقايا عوامي سوچ 03

جي شديد کوٽ سبب ٻارن جي تعليم متاثر ٿيڻ جو سلسلو جاري آهي، اسڪول ۾ گهربل تعداد ۾ استاد موجود نه هجڻ ڪري مقامي شخص سڪندر علي ڪيترن ئي سالن کان پنهنجي مدد پاڻ تحت اسڪول جي ٻارن کي پڙهائڻ جو ڪم ڪري رهيو آهي، خانگي ماستر نالي سڪندر علي موجب، اسڪول ۾ مستقل استادن جي کوٽ سبب ٻارن جي تعليم جو وڏو نقصان ٿي رهيو آهي، جڏهن ته ڪيترن ئي سالن کان اها صورتحال برقرار آهي، مقامي ڳوٺاڻن وزير، محبوب، شاهنواز ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته استادن جي کوٽ سبب اسان جي ٻارن جو تعليمي مستقبل داءَ تي لڳل آهي، هنن ايم پي اي بئريسٽر پيرمجيب الحق، ضلعي انتظاميا دادو ۽ تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڳوٺ موندر جي پرائمري اسڪول ۾ گهربل استاد مقرر ڪيا وڃن، جيئن ٻارن کي سندن بنيادي تعليمي حق ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 04

ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو هو، پر اڃا تائين اهي سهولتون فراهم نه ٿي سگهيون آهن. آر ايڇ سي وَر جي موجوده ايمبولينس انتهائي خراب حالت ۾ آهي. ايمرجنسي جي صورت ۾ اڪثر ان کي ڌڪو ڏئي اسٽارٽ ڪرڻو پوي ٿو، جڏهن ته 1122 جي سهولت موجود نه هجڻ سبب مريضن کي ذاتي گاڏين، سوزوڪي يا ڪارن ذريعي اسپتال منتقل ڪرڻو پوي ٿو. جيڪو ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. دوري دوران ڊاڪٽرن ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي کوٽ ختم ڪرڻ جي پڻ خاطري ڪرائي وئي هئي، پر اڃا تائين هڪ به اضافي ڊاڪٽر يا گهربل ٽيڪنيڪل اسٽاف فراهم نه ڪيو ويو آهي. موجوده محدود ڊاڪٽر ئي مختلف شفٽون هلائي رهيا آهن ۽ ڪنهن هڪ ڊاڪٽر جي موڪل تي وڃڻ جي صورت ۾ شفٽ خالي ٿيڻ جو خدشو رهي ٿو. آر ايڇ سي وَر تعلقي جو اهم ۽ واحد 24 ڪلاڪ فعال صحت مرڪز آهي، جيڪو تقريباً ڇهه لک آبادي کي طبي سهولتون فراهم ڪري ٿو. مقامي حلقن جو چوڻ آهي ته ايتري وڏي آبادي جي مرڪزي صحت مرڪز ۾ ايمبولينس، ڊاڪٽرن ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي کوٽ انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو پنهنجي دوري دوران ڪيل واعدن تي ٻيهر ڌيان ڏيندي ايمبولينس، ريسڪيو 1122، اضافي ڊاڪٽرن ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي فوري فراهمي کي يقيني بڻائين. جيئن ڪنهن وڏي سانحي کان اڳ ايمرجنسي صورتحال کي مؤثر نموني منهن ڏئي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 05

و کي قتل ڪري فرار ٿيندڙ ٻن جوابدارن کي ٺٽو پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي تفصيل موجب 26 سيپٽمبر 2026ع جي رات ورشهر ۾ ٽن جوابدارن مبينا طور زميني تڪرار تان شاهدچانڊيو کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪيو هو. جنهن جو ڪيس نمبر 130/2026، قلم 302 ۽ 34 تعزيرات پاڪستان تحت مقتول جي ڀاءُ محمد قاسم چانڊيو جي فرياد تي گهوڙاٻاري ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو. واقعي جو ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو سختي سان نوٽيس وٺندي لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي جوابدارن جي گرفتاري جا حڪم جاري ڪيا. جنهن بعد سينيئر پوليس آفيسرن تي ٻڌل خاص ٽيم جوڙي وئي. خاص ٽيم ۾ گاڙهو سب ڊويزن جي ايس ڊي پي او ڊي ايس پي جنيد عباسي، گهوڙاٻاري ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر ماجد علي ڪورائي، سي آءِ اي ٺٽو جي انچارج انسپيڪٽر فاروق راهپوٽو، ساڪرو ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر گلزار علي ٽنيو، ڊي آءِ سي ٺٽو جي انچارج انسپيڪٽر فيصل شفيع ميمڻ ۽ پير پٺي پوليس پوسٽ جي انچارج سب انسپيڪٽر عمران خان شامل هئا. پوليس ٽيم جديد ٽيڪنيڪل نظام، پيشوراڻي حڪمت عملي ۽ اثرائتي جاچ ذريعي قتل ڪيس ۾ ملوث ٻن جوابدارن سائين بخش ولد محمد علي چانڊيو ۽ پرويزولد سائين بخش چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب شروعاتي جاچ دوران گرفتار جوابدارن واردات ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف ڪيو آهي، جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي. پوليس موجب جوابدار سائين بخش چانڊيو بابت بين الصوبائي ڌوهاري گروهه سان وابستگي ۽ ٻين سنگين وارداتن ۾ ملوث هجڻ جي ڄاڻ پڻ سامهون آئي آهي، جنهن جو ڌوهاري رڪارڊ حاصل ڪيو پيو وڃي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار ٺٽو ۽ ڪراچي ۾ 20 کان وڌيڪ سنگين وارداتن ۾ به مبينا طور ملوث رهيو آهي. ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ٽيم کي شاباش ڏيندي بهترين ڪارڪردگي تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 06

ل سنگ راجپوت، ڪينڊراج سنگ ٺڪر ۽ انهن جي والدين کي راڻا هائوس مٺي تي گهرائي ڪين مبارڪون ڏنيون ۽ تحفا شيلڊون ڏيئي سندن همت افزائي ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم پي اي راڻا هميرسنگ سوڍو چيو ته ماضي ۾ ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ضلعن کي پوئتي پيل سمجهي ويندو هو ۽ تعليم، صحت، پاڻي، بجلي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون نه هيون. هن چيو ته 15 سالا پ پ پ جي سنڌ ۾ حڪمراني دوران بنيادي سهولتون حاصل هجڻ جون اهي شاهديون آهن ته اڄ هنن علائقن جا ذهين شاگرد پوزيشن حاصل ڪري پاڪستان سنڌ ۽ ٿرپارڪرجو نالو روشن ڪري رهيا آهن.

بقايا عوامي سوچ 07

ذهني دٻاءُ کان تنگ اچي ڪراچي ۾ مبينا طور خود ڪشي ڪري ڇڏي، پر پوليس ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن الزام هنيو ته سندس پٽ کي ونود ڊرماڻي، دسرت پرمار، ڪمليش پاٻوهر ۽ ٻيا ملوث آهن. جيڪي موبائيل نمبر تان مسلسل بليڪ ميل ڪري ذهني طور پريشان ڪندا هئا. جنهن جي نتيجي ۾ هن 29 جون تي انتهائي قدم کنيو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته واقعي جي ايف آءِ آر داخل هجڻ باوجود اڃا تائين جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن. هن وزيراعلئ سنڌ، آءِ جي سنڌ ۽ ٿرجي چونڊيل نمائندن کان هن معاملي جو نوٽيس وٺڻ ۽ ڪين فورن انصاف ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 08

پي عبدالرب پاران کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊي ايس پي ڏگهڙي خدا بخش ٽيپو ۽ ايس ايڇ او ڪوٽ غلام محمد آفتاب رند پ پ پ تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرگڙي پ پ پ سٽي صدر سهيل قايم خاني سٽي وايس چيئرمين ميان امجد سعيد آرايين سردار رفيق ڪوسو دفاع پاڪستان ونگ جي عبدالرزاق خاصخيلي عبدالحميد ڪوسو تلوڪچند پيل نارايڻ داس پڻ موجود هئا. کليل ڪچهري ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جتي شهرين صحافين پاران پوليس سان لاڳاپيل مختلف مسئلن، منشيات فروشي، چوري ۽ ٻين معاملن بابت شڪايتون پيش ڪيون ويون. شهرين امن امان جي صورتحال ۽ پوليس جي ڪارڪردگي بابت پڻ پنهنجا خدشا ظاهر ڪيا. ان موقعي تي اي ايس پي عبدالرب شهرين جون شڪايتون غور سان ٻڌيون ۽ لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي مسئلن جي حل ۽ شڪايتن جي ازالي لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون.

بقايا عوامي سوچ 09

حوالي ڪئي وئي. ان موقعي تي سول سوسائٽي جي نمائندن، علائقي جي معززن، برادري جي ماڻهن ۽ مقامي ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ علائقي واسين پاران پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جاويد علي جاگيراڻي جي ان قدم کي ساراهيندي چيو ته ڏورانهن، پٺتي پيل ۽ صحت جي محدود سهولتن وارن علائقن ۾ طبي خدمتن جي بهتري ۽ واڌاري لاءِ خاص توجهه ڏيڻ هڪ اهم قدم آهي. هنن چيو ته بي ايڇ يو پلس گوزو کي ايمبولينس جي فراهمي سان هنگامي حالتن ۾ مريضن کي بروقت طبي امداد فراهم ڪرڻ ۽ ڪين بهتر صحت مرڪزن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملندي. خاص طور تي ڏورانهن ۽ جابلو علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ هي سهولت انتهائي فائديمند ثابت ٿيندي. شرڪت ڪندڙن پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ذوهيب اسلام عباسي ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجر پي پي ايڇ آءِ ڊاڪٽر الطاف منگي جي فعال رابطن، فيلڊ سطح تي نگراني ۽ بنيادي سطح تي صحت جون سهولتون وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪيل ڪوشش کي پڻ ساراهيو. هنن چيو ته ضلعي انتظاميا ۽ پي پي ايڇ آءِ جي لاڳاپيل عملدارن وچ ۾ رابطي ۽ سهڪار سان بنيادي صحت مرڪزن لاءِ ضروري وسيلن جي فراهمي ۽ انهن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي رهي آهي. جنهن سان مقامي آبادي کي سندن علائقن جي ويجهو بنيادي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿي رهي آهي. سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ مقامي ڳوٺاڻن پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي پيشوراڻي طريقيڪار ۽ ڏورانهن علائقن ۾ بنيادي سطح تي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ جاري ڪوشش کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته ضلعي دادو جي ٻين ڏورانهن علائقن ۾ پڻ اهڙن قدمن جو سلسلو جاري رکيو ويندو، جنهن سان هنگامي طبي سهولتن، بروقت ريفرل سروسز ۽ صحت جي سهولتن تائين عوام جي رسائي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي

بقايا عوامي سوچ 10

روڊ، ورڪشاپ روڊ سميت مختلف علائقن ۾ واقع خانگي ڪلينڪن ۽ اسپتالن جون او پي ڊيز بند رهيون، جنهن ڪري طبي چڪاس لاءِ ايندڙ مريضن کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو. ان موقعي تي پي ايم اي سکر ضلعي جي صدر، ماهر سينيئر پروفيسر سرجن ڊاڪٽر ذوالفقار علي سومرو ٻين عهديدارن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ايف بي آر پاران خانگي پريڪٽس ڪندڙ ڊاڪٽرن تي لاڳو ڪيل پوائنٽ آف سيل ٽيڪس واري طريقيڪار تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته مريض کان ڊاڪٽر کي ملندڙ فيس مڪمل طور تي ڊاڪٽر جي آمدني نه هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته ان رقم مان بجلي، گئس ۽ ٻين يوٽيلٽي بلن جي ادائيگي، ملازمن کي اجرت ڏيڻ سميت ڪلينڪ ۽ اسپتالن جي سار سنڀال ۽ ٻين ضروري خرچن کي پورو ڪيو ويندو آهي. ڊاڪٽر ذوالفقار علي سومرو چيو ته ايف بي آر کي خانگي ڪلينڪن ۽ اسپتالن جي مجموعي سالياني آمدني بدران سمورا خرچ ڪڍڻ کان پوءِ ڊاڪٽر کي بچندڙ آمدني تي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ گهرجي. جنهن تي ڊاڪٽر برادري کي ڪو به اعتراض نه هوندو، ٻي صورت ۾ موجوده ٽيڪس پاليسي سبب ڊاڪٽر برادري کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. بعد ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن سکر ضلعي جي عهديدارن ڊاڪٽر ذوالفقار علي سومرو، ڊاڪٽر عبدالواحد عباسي، ڊاڪٽر غلام حيدر رند، ڊاڪٽر سريش ڪمار، ڊاڪٽر خادم منگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ عيدگاهه روڊ کان احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي ڊاڪٽرن ايف بي آر جي پوائنٽ آف سيل ٽيڪس خلاف نعريبازي ڪندي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ واري طريقيڪار تي نظرثاني ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 11

ادرا سان لاڳاپيل مختلف سهولتون سندن ئي علائقي ۾ فراهم ڪيون ويون. موبائل وين تي علائقي جي ماڻهن نادرا سان لاڳاپيل ڪمن لاءِ رجوع ڪيو ۽ ڪين ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون. نادرا جي موبائل سهولت ڳوٺ تائين پهچڻ سان مقامي رهواسين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي. ان موقعي تي علائقي واسين چيو ته ڳوٺ ۾ نادرا جي موبائل وين اچڻ سان ڪين شهر ڏانهن وڃڻ جي تڪليف، وقت ۽ خرچ کان بچاءُ ٿيو آهي. علائقي واسين مخدوم فخرزمان صاحب ۽ شمن سهتو جي سهڪار کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ به عوام جي سهولت لاءِ اهڙا قدم جاري رکيا ويندا. 28 ۽ 29 سيپٽمبر تي ڳوٺ پارسي فارم ۾ نادرا موبائل وين جي موجودگي علائقي واسين لاءِ اهم عوامي سهولت ثابت ٿي

بقايا عوامي سوچ 12

جتوئي، علي حيدر برهماڻي، لالا ظهير ٻگهيو وفد سميت دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪلب دادوجي صدر نظام شيخ نائب صدر سرور جلال سولنگي، علي گل چنا، ستار شيخ، سخي سردار چارڻ، سليم اختر پنهور سان ملاقات ڪئي آهي ۽ زخمي ٿيل صحافي ستار شيخ، علي گل چنڊ، نديم شاهاڻي، سجاد علي سولنگي، شوڪت ملاح، محرم شينو، شيراز شيخ، ديدار شيخ سميت سيني صحافين جي عيادت ڪئي ان موقعي تي مولانا غلام مصطفيٰ لاشاري زخمي ٿيل صحافين جي صحتيابي ۽ پريس ڪلب دادوجي ترقي جي لاءِ دعا گهري ٻئي طرف ساس جي سيڪريٽري نور ڪنير، نثار گوهر سومرو، سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو، عبدالغفار ڪوريجو، جوهي جو سينئر صحافي غلام رسول ٿهيم پاران دادو پريس ڪلب پهچي صدر نظام شيخ سان ملاقات ڪئي، زخمي صحافين جي عيادت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 13

ڪ جاچ جاري،ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي حڪم تي ڊي ايس پي واجد علي ٿهيم جي سربراهي ۾ ايس ايس پي آفيس ٺٽو ۾ اهم پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران ور شهر ۾ چار ڏينهن اڳ ٿيل شاهدي چانڊيو جي قتل واري واقعي بابت پوليس ڪارروائي جا تفصيل ميڊيا آڏو پيش ڪيا ويا. پوليس ترجمان موجب 26 سيپٽمبر 2026ع جي رات ور شهر ۾ ٽن جوابدارن مبينا طور زميني تڪرار تان شاهدي چانڊيو کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪيو ۽ فرار ٿي ويا. واقعي جو ڪيس نمبر 130/2026 قلم 302 ۽ 34 تعزيرات پاڪستان تحت مقتول جي ڀاءُ محمد قاسم چانڊيو جي فرياد تي گهوڙاٻاري ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو. پوليس موجب واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي سخت هدايتون جاري ڪيون. جنهن بعد سينيئر پوليس آفيسرن تي ٻڌل خاص ٽيم جوڙي وئي. خاص ٽيم ۾ ڊي ايس پي گاڙهو جنيد عباسي، ايس ايڇ او گهوڙاٻاري انسپيڪٽر ماجد علي ڪورائي، انچارج سي آءِ اي ٺٽو انسپيڪٽر فاروق راهوپوٽو، ايس ايڇ او ساڪرو انسپيڪٽر گلزار علي ٽنيئو، انچارج ڊي آءِ سي ٺٽو انسپيڪٽر فيصل شفيع ميمڻ ۽ انچارج پوليس پوسٽ پير پنو سب انسپيڪٽر عمران خان شامل هئا. پوليس جو چوڻ آهي ته جديد ٽيڪنيڪل ذريعن، پيشه ورانه حڪمت عملي ۽ مؤثرجاچ ذريعي قتل ڪيس ۾ ملوث ٻن جوابدارن سائين بخش ولد محمد علي چانڊيو ۽ پرويز ولد سائين بخش چانڊيو کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب شروعاتي جاچ دوران گرفتار جوابدارن واردات ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف ڪيو آهي. پوليس وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته جوابدار سائين بخش چانڊيو مبينا بين الصوبائي ڪرمنل گروهه جو سربراهه پڻ آهي. جنهن جو ڪرمنل رڪارڊ طلب ڪيو پيو وڃي. پوليس موجب گرفتار جوابدار ٺٽو ۽ ڪراچي ۾ 20 کان وڌيڪ سنگين نوعيت جي وارداتن ۾ ملوث هجڻ بابت پڻ جاچ هيٺ آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي. ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ٽيم کي شاباش ڏيندي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 14

ف ٺٽي ۾ احتجاج، معصوم ٻارڙن سميت پاڻ ساڙڻ جي ڪوشش، انصاف جو مطالبو ان سلسلي ۾ ور شهرجي پاور هائوس واري علائقي جي رهواسڻ پيرسن عورت مريم ڪٽولاڻي ملاح پنهنجي نياڻين سان گڏ ٺٽي پهچي بااثر ماڻهن جي زيادتين توڙي انهن پاران سندس زمين ۽ گهر تي ڪيل مبينا قبضي توڙي پوليس پاران نوٽيس نه وٺڻ خلاف احتجاج ڪندي پاڻ ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي موقعي تي موجود صحافين بچائي ورتو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ عورت مريم ڪٽولاڻي ملاح الزام هڻندي چيو ته سندن اباڻي زمين تي بااثر ماڻهن محمد رحيم آگرو، مظهر ۽ اسلم پنجابي، عيسو ڪٽولاڻي، حسن علي زنگياڻي ۽ ٻين زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي، هن چيو ته هوءَ گذريل 3 سالن کان مسلسل احتجاج ڪري رهي آهي پر ساڻس ٿيندڙ ناانصافين جو ڪير به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي. هن چيو ته بااثر ماڻهون هاڻي منهنجي گهرتي قبضو ڪري اسان کي بيدخل ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. جن گذريل رات به اسانجي گهر تي حملو ڪري اسانکي مبينا طور تشدد جو نشانو بڻائي منهنجي نياڻين جي عزتن ۾ هٿ وڌا ويا آهن. جيڪو عمل هرگز برداشت نه ڪيو ويندو. هن چيو ته حد جي پوليس توڙي روينيو عملدار به بااثر وڏيرن سان هٿ ٺٽيل آهن جيڪي اسان جي ڪابه داد فرياد وٺڻ لاءِ تيار ناهن. ڊي سي ٺٽو ۽ ايس ايس پي ٺٽو کي ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ شڪايت ڪئي آهي پر ڪوبه نوٽيس ناهي ورتو ويو. مذڪور ماڻهن خلاف ڪورٽ ۾ پڻ ڪيس داخل ڪيو آهي. هن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن بااثر جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري زمين تان قبضو ختم نه ڪرايو ويو ته ايس ايس پي آفيس آڏو پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس، جنهن جا ذميوار اهي بااثر قبضاگير خود هوندا.

بقايا عوامي سوچ 15

خلاف استادن ٺٽي ٽريزري آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. احتجاج دوران استادن "اين سي ايڇ ڊي جي استادن سان انصاف ڪريو" ۽ "پگهارون جاري ڪريو" جا نعرا هنيا. احتجاج ڪندڙ غلام مصطفيٰ جاکرو، نور حسن جاکرو، اياز جوکيو، عبدالستار لاشاري ۽ محمد اقبال لاشاري چيو ته اين سي ايڇ ڊي استادن جا ٽن مهينن جا بل پگهار جي مد ۾ ٽريزري آفيس ۾ هڪ مهيني کان مختلف ٽيبلن تي دربدر ٿي رهيا آهن. پر اڃا تائين پنچ ناهن ڪيا ويا. سندن چوڻ هو ته ڪڏهن اضافي اڪائونٽنٽ، ڪڏهن آڊيٽر ۽ ڪڏهن ڊيٽا موجود نه هجڻ جا جواز ڄاڻايا وڃن ٿا، جنهن سبب استاد سخت مالي پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. استادن چيو ته هو 2023ع کان باقاعدگي سان ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته ڪين ٽن ٽن مهينن کان پوءِ پگهار ملي ٿي. هنن مطالبو ڪيو ته سندن بل فوري طور پنچ ڪري پگهارون جاري ڪيون وڃن. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. هنن وڌيڪ الزام لڳايو ته بل پنچ ڪرائڻ لاءِ ٽريزري عملي پاران پئسن جي گهر ڪئي وڃي ٿي. جيڪا استادن لاءِ ناقابل قبول آهي. استادن چيو ته "اسان استاد آهيون، رشوت ڏيڻ اسان جو ڪم ناهي" ۽ بل پاس ڪرڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي غيرقانوني رقم ڏيڻ کان انڪار ڪيو. احتجاج ڪندڙن ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نئين مقرر ٿيل اڪائونٽنٽ آفيسر وٽ سندن بل فوري طور پنچ ڪرائي پگهارون جاري ڪرايون وڃن. هنن خبردار ڪيو ته اڄ بل پنچ نه ٿيا ته سڀاڻي عورت استادن کي به احتجاج ۾ شامل ڪري ٽريزري آفيس اڳيان ڌرڻو وسيع ڪيو ويندو. استادن موجب احتجاج ۾ ٺٽي، ميرپور ساڪرو، ڪيٽي بندر ۽ گهوڙاٻاري تعلقن جا استاد شامل آهن. هنن چيو ته مطالبا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ روزاني بنياد تي ٽريزري آفيس اڳيان ڌرڻو جاري رکيو ويندو ۽ ضرورت پوڻ تي احتجاج کي نيشنل هاءِ وي تائين به وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 16

ن ڊويزن ٺٽي پاران ڪلري ٻگهار ڊويزن ۾ ملازمن سان ٿيندڙ مبينا ناروا سلوڪ، رٽائرڊ ملازمن کان مختلف حربن ذريعي مبينا طور تي گهري رشوت طلب ڪرڻ ۽ مختلف منصوبن ۾ مبينا ڪرپشن خلاف جلد مرڪزي قيادت سان مشاورت بعد جلد احتجاجي تحريڪ جي شروعات پريس ڪلب ٺٽي کان ڪئي ويندي، جنهن ۾ ڪلري ٻگهار ڊويزن ٺٽي جا سمورا ملازم ڀرپور نموني شرڪت ڪندا. جنهن مظاهري جي اڳواڻي آل سنڌ آبپاشي ٽريڊ يونين فيڊريشن جا مرڪزي ۽ ڊويزنل اڳواڻ ڪندا. اهڙي پڌرائي آل سنڌ آبپاشي ٽريڊ يونين فيڊريشن ڊويزن ٺٽو پاران ڪئي ويئي اهي. جنهن ڄاڻايو اهي ته هو ملازمن سان ٿيندڙ ناانصافيون ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا. هنن گهر ڪئي ته فورن ملازمن سان مبينا ناروا سلوڪ وارو رويو ختم ڪري رٽائرڊ ملازمن کان مختلف حربن ذريعي مبينا طور تي گهري رشوت طلب ڪرڻ وارو عمل بند ڪري مختلف منصوبن ۾ مبينا ٽينڊر ڪرپشن کي بنجو ڏيئي ڪرپشن ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي. ڏ ج=

بقايا عوامي سوچ 17

جوکيو پاران ضلعي ملير جي سنڌي وسندين ۽ مقامي ماڻهن جي زمينن بابت مبينا ڪيل قبضي خلاف آواز اٿارڻ، ايجوڪيشن سٽي جي معاملي تي احتجاج ڪرڻ، مقامي سنڌي ۽ بلوچ برادرين جي زمينن ۽ وسندين جي مالڪي کي پيدا ٿيل خدشن کي اجاگر ڪرڻ تان علي حسن زهري پاران استعمال ڪيل نامناسب، غيراخلاقي ۽ توهين آميز زبان استعمال ڪرڻ واري عمل خلاف يوسي جنگشاهي ۽ يوسي ڪوهستان جي سوين رهواسين پاران جنگشاهي شهر ۾ ايم اين اي سردار جام عبدالڪريم جوکيو جي خلاف ٿيندڙ سندس ڪردار ڪشي خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو اڳوڻي يوسي ناظم بشير احمد جوکيو، يوسي ڪوهستان جي چيئرمين بابو غلام مصطفيٰ جوکيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پرامن احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪندي اڳوڻي يوسي چيئرمين جنگشاهي بشيراحمد جوکيو، يوسي ڪوهستان جي چيئرمين بابوغلام مصطفيٰ جوکيو ۽ ٻين چيو ته ايم اين اي سردار عبدالڪريم جوکيو هڪ بهترين شخصيت جو مالڪ آهي. هنن علي حسن زهري کي سخت پيغام ڏيندي چيو اهي ته ايم اين اي سردار عبدالڪريم جوکيو اڪيلو ناهي، اسين سڀ ساڻس گڏ اهيون. جنهن جي ڪردار ڪشي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي ۽ نه ئي ڪنهن جي عزت، وقار توڙي ان جي شخصيت کي نشانو بڻائڻ جي ڪنهن کي اجازت ڏني ويندي. هنن چيو ته فورن علي حسن زهري پنهنجا چيل لفظ واپس وٺي سردار جام عبدالڪريم جوکيو جي ڪيل دل آزاري جي فوري طور معافي وٺي، ٻئي صورت ۾ سندس معافي وٺڻ تائين سندن پرامن احتجاج جاري رهندو. هنن چيو ته هاڻي احتجاج مڪلي ۽ ٺٽي ۾ ڪرڻ سميت پوري ضلعي ۾ احتجاج جي دائري کي وڌايو ويندو. هنن چيو ته جام عبدالڪريم جوکيو پاران ضلعي ملير جي سنڌي وسندين ۽ مقامي ماڻهن جي زمينن بابت مبينا قبضي خلاف آواز اٿارڻ ۽ ايجوڪيشن سٽي جي معاملي تي احتجاج ڪرڻ تي علي حسن زهري پاران سوشل ميڊيا ۽ هڪ پروگرام دوران مٿس تنقيدي بيان ڏنا ويا، جنهن جي هو سخت مذمت ڪن ٿا. هنن چيو ته ملير جي مقامي سنڌي ۽ بلوچ برادرين جي زمينن ۽ وسندين بابت پيدا ٿيل خدشن کي اجاگر ڪرڻ هر چونڊيل نمائندي ۽ مقامي ماڻهن جو حق آهي. هنن چيو ته ڪنهن به سياسي يا سماجي اڳواڻ خلاف ذاتي نوعيت جا الزام يا توهين آميز بيان ڏيڻ بدران مسئلن تي سنجيده ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي. هنن علي حسن زهري کي چتاءُ ڏنو ته هو جام عبدالڪريم جوکيو خلاف بيان بازي ڪرڻ کان پاسو ڪري، ٻئي صورت مڪلي، ٺٽو سميت پوري ضلعي ۾ احتجسج جي دائري کي وسيع ڪري معاملي واري مسئلي جي حل تائين سندن پرامن احتجاج جاري رهندو.

بقايا عوامي سوچ 18

سونهري روڊ تي لڳل سي سي بلاڪ ۾ مبينا ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ سبب روڊ ڪجهه ئي عرصي ۾ اکڙي تباهه ٿي ويو. جڏهن ته وڪ وڪ تي وڏا کڏا پئجي وڃڻ ڪري شهرين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي گاڏهي پاڙي جي رهواسين حافظ شوڪت علي جتوئي، رانجهن گاڏهي، علي اڪبر سنديلو، غلام حسين ڪوري، وقار گاڏهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙن چيو ته تقريبن چار سال اڳ ڏوڪري اسپتال کان پرائمري اسڪول تائين ڪروڙين رپين جي لاڳت سان سي سي بلاڪ روڊ تعمير ڪرايو ويو هو، پر مبينا ناقص مٽيريل سبب روڊ ٿوري ئي عرصي ۾ خراب ٿي ويو هنن چيو ته روڊ ۾ کڏن سبب حادثن جو خطرو وڌي ويو آهي، مريضن ۽ اسڪولي ٻارن کي اچ وڃ ۾ سخت تڪليف پيش اچي رهي آهي. شهرين ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ روڊ ٻيهر معياري نموني تعمير ڪرايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 19

اڄ بعد مختلف سياسي سماجي اڳواڻ حرڪت ۾ اچي ويا. ان ڏس ۾ ٿرواسي ايڊووڪيٽ شنڪر ميگهواڙ پاران انتظامي نااهلي خلاف ۽ ٿر کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏيڻ لاءِ سنڌ هائي ڪورٽ ميرپورخاص بينچ ۾ ذاتي حيثيت ۾ پٽيشن داخل ڪري ڇڏي آهي. جنهن جي ايندڙ هفتي ٻڌڻي ٿيندي. ٿر واسي وڪيل شنڪر ميگهواڙ پٽيشن ۾ ڄاڻايو آهي ته ٿر ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي پر ضلعي انتظاميا ۽ سنڌ حڪومت پاران ڪا ايمرجنسي ريليف پيڪيج نه ڏيڻ ڪري ماڻهو پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٿرپارڪر کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏياري انتظاميا کي رليف ڏيڻ جو پابند بڻايو وڃي. ٻي طرف پيپلزپارٽي جي ايم پي اي راڻا هميرسنگ سوڍا ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي سان سندس آفيس ۾ اهم گڏجاڻي ڪئي. جنهن دوران ايم پي اي راڻا همير سينگ چيو ته ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي خاص طور تي سموري ٿرپارڪر ۾ مال جو گاهه بلڪل ناهي، جڏهن ت ٿرپارڪر جي ماڻهن جو واحد ذريعو مال تي آهي ان ڪري ٿرپارڪر ضلعي کي ڏڪار ڊڪليئر ڪري رپورٽ اعلي اختيارين ڏانهن موڪليو ت جيئن مارو ماڻهن کي سرڪاري سطح تي رليف ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 20

۾ وهجندي ٻڏي فوت ويو ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان مزدوري ڪندو هو وهجڻ دوران ٻڏي ويو وارث ڪيس فوري طور پاڻي مان ڪڍي ڪيس مقامي اسپتال ڪٺائي ويا جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وارثن موجب نينگر کي مرگهي جو دورو به پوندو هو هوڏانهن پوليس ضروري قانوني ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا عوامي سوچ 21

ڪيشن فائونڊيشن حيدرآباد جي ملازمن کي روڪي ڦر ڪئي، جڏهن ته مزاحمت دوران هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ عبدالله ۽ رمضان سومرو گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا. زخمي ملازمن کي فوري طور تعلقه اسپتال جوهي منتقل ڪيو ويو، جتان طبي امداد بعد ڳڻتي جوڳي حالت سبب وڌيڪ علاج لاءِ سيوهڻ ريفر ڪيو ويو. زخمين موجب 6 کان 7 هٿيارٻندن روڊ تي رڪاوٽون رکي ڪين روڪيو ۽ هٿيارن جي زور تي ڦر ڪئي. مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ عبدالله ۽ رمضان سومرو زخمي ٿيا. واقعي کانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ حراس پکڙجي ويو. جڏهن ته شهرين ۽ مسافرن پاران روڊ تي وڌندڙ بدامني تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي جوابدارن خلاف ڪارروائي ۽ روڊن تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 22

وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود نينگر جي لاش جو ڪو پتو نه پئجي سگهيو آهي. ذريعن موجب لاش جي ڳولا ۾ دير خلاف نينگر جي وارثن ٽرڪول روڊ، 25 چڪ باءِ پاس بند ڪري احتجاجي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي وارثن مطالبو ڪيو ته نينگر جي لاش جي ڳولا لاءِ فوري طور تي امدادي ڪارروائي تيز ڪئي وڃي ۽ لاش هٿ ڪري وارثن حوالي ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 23

ڪئي وئي آهي اسان کي انصاف ڏنو وڃي، علي نواز قاضي نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته منهنجي مائيناٽي زمين اڍائي ڪان ٽي ايڪڙ آهي جنهن جو ڪاتو پڻ رکيل آهي مائيناٽي زمين آهي جنهن جون ڪوڙيون ايگريمينٽون ڪري حفيظ عباسي ، اصغر عرف بابو قاضي، انصار قاضي، شير علي عباسي ، عبدالجبار ولد حفيظ عباسي وڪرو ڪيون آهن جيڪي سراسر نا انصافي ۽ فراڊ تي مبني آهي اسان ڊي سي بدين ۽ ايس ايس پي بدين کان اپيل ٿا ڪريون ته اسان کي انصاف ڏنو وڃيا

بقايا عوامي سوچ 24

تنڊوالهيار ويجهو قبي اسٽاپ پرسان ڳوٺ صيفل لاشاري جي رهواسين پاران بااثرن جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي ڳوٺاڻن شهباز لاشاري، محمد صيفل لاشاري، گل محمد لاشاري ٻين دانهيندي چيو ته رات جي انڌيري ۾ برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهن ڪيلي جي فصل ۾ داخل ڪهاڙين سان 10 ايڪڙن تي بيٺل ڪيلي جي فصل ۾ لڳل لونگر وڍي ڇڏيا آهن جنهن سبب اسان کي 20 کان 25 لک روپين جو نقصان ٿيو آهي اسان بي سيڪشن ٿاڻي تي انهن ماڻهن خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي پر پوليس نه ڪين گرفتار ڪري ٿي ۽ نه ئي اسان جو ڪيس داخل ڪري ٿي هنن چيو ته ڪيلو وڍيندڙن کي ڳوٺ جي بااثرن جي سپورٽ حاصل آهي ۽ پوليس به انهن بااثرن جي ڪري اسان جو ڪيس داخل نه ڪري رهي آهي هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سليم شاهه کي اپيل ڪئي ته واقعي جي جاچ ڪري ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

ولي محمد ڪلوئي. زندو ڪلوئي. غلام فريد ڪلوئي ۽ ٻين دانهيندي چيو ته اسان ڏهه گهنٽا زرعي زمين جو ٽڪرو سوزل . نجب دين . ارشاد علي ڪلوئي کي مقاطعي تي ڏنو جيڪي هاڻ اسان جي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا جن گذريل ڏينهن اسان جي ٻن عورتن کي گوليون ۽ ڪهاڙيون هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جن مان هڪ عورت اڃان تائين اسپتال ۾ نازڪ حالت ۾ علاج هيٺ آهي هنن چيو ته اسان زرعي زمين خالي ڪرڻ لاءِ چيو جنهن تان بااثرن پهرين به اسان تي حملو ڪيو جنهن بعد اسان بکيراشريف ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي پر پوليس مٿن ڪا به ڪارروائي نه ڪئي ۽ بااثرن مجرجي اسان جي عورتن تي حملو ڪري ڪين زخمي ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته اسان غريب ماڻهون آهيون اسان وٽ زمين جا سمورا ڪاغذ موجود آهن ايترو وڏو واقعو ٿيو پر پوليس اڃان تائين جوابدار گرفتار ناهن ڪيا ۽ اسان جي ايف آئي آر به داخل نٿي ڪئي وڃي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي تنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته اسان جي عورتن تي حملو ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ۽ اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 26

ري اسڪول ڪورٽ روڊ نوابشاهه ۾ منعقد ڪيو ويو. جنهن جو مقصد معاشري ۾ عورتن خلاف تشدد جي خاتمي، عورتن جي حقن جي تحفظ ۽ عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ هو. سيمينار کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊولپمينٽ نسيم حسن مستوئي، ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر غلام محمد سهتو، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري حميرا مير، ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڪمپليٽ سيل زيب النساء، ڊي ايس پي حمزا عثمان، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر فوزيه حسن مستوئي، چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر ذوالفقار رند ۽ ٻين اڳواڻن صنفي بنياد تي تشدد جي مختلف قسمن، ان جي سماجي اثرن ۽ ان جي روڪٿام لاءِ حڪومتي ۽ سماجي سطح تي اثرائتن قدمن جي ضرورت تي روشني وڌي ۽ چيو ته عورتن کي محفوظ، باعزت ۽ برابري وارو ماحول فراهم ڪرڻ معاشري جي گڏيل ذميواري آهي. جڏهن ته تشدد جي واقعن جي حوصلا شڪني ۽ متاثر عورتن کي بروقت رهنمائي ۽ سهڪار فراهم ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. سيمينار دوران شرڪت ڪندڙن کي عورتن خلاف تشدد جي ڪنهن به واقعي جي صورت ۾ آواز اٿارڻ، لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪرڻ ۽ متاثر ماڻهن کي قانوني ۽ سماجي مدد فراهم ڪرڻ بابت پڻ آگاهي ڏني وئي. اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو ته "Say No to Gender Based Violence"_جي پيغام کي عام ڪيو ويندو ۽ عورتن جي تحفظ، حقن ۽ بااختيار بڻائڻ لاءِ آگاهي سرگرمين جو سلسلو جاري رکيو ويندو. سيمينار ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر منظور احمد ملاح، ڊي ايس پي ليگل نوازعلي، سي اي او نسيم ڏاهري کان علاوه عورتن جي ڀلائي، سوشل ويلفيئر، ضلعي چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ ۽ سول سوسائٽي سان لاڳاپيل نمائندن، اسڪول جي ٽيچرز ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 27

نس ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته سندس شادي 2023ع ۾ رزاق شرولد يار محمد سان ٿي هئي، جنهن بعد مائٽن مختلف حربن ذريعي کيس ڌمڪائي واپس گهر وٺي ويا، جتان ڪورٽ ذريعي خلع ورتي وئي، جيڪا سندس ذاتي فيصلو نه هو. هن الزام لڳايو ته ان وقت سندس پيٽ ۾ ستن مهينن جو ٻار پڻ هو، جيڪو مائٽن ضايع ڪرايو. متاثر عورت موجب هوءَ مائٽن جي پاڻمرادو فيصلن کان تنگ هئي ۽ پنهنجي مڙس سان گڏ رهڻ چاهي ٿي، پر مائٽن زبردستي پنهنجو فيصلو مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا سندس چوڻ موجب ساڻس ناانصافي هئي. عائشه چيو ته هوءَ مائٽن وٽ قيد جهڙي صورتحال ۾ هئي ۽ موقعو ملڻ تي پنهنجي مڙس رزاق شر وٽ پهتي آهي، جنهن سان گڏ ئي زندگي گذارڻ چاهي ٿي. هن الزام هڻندي چيو ته کيس پنهنجي ڪجهه رشتيدارن کان جاني خطرو آهي، جن ۾ سندس نگوياءُ مجاهد ولد حر خميسو، ولد فاضل، ماءُ جميلا ۽ پوليس کاتي ۾ حاضر سروس اهلڪار پڻ شامل آهن. هن چيو ته کيس، سندس مڙس رزاق شر يا ڏيرن کي ڪنهن به قسم جو نقصان پهتو ته ان جا ذميوار ڄاڻايل رشتيدار هوندا. اهو بيان رڪارڊ تي پڻ رکيو وڃي ته جيئن ضرورت پوڻ تي ڪم اچي سگهي. متاثر عورت ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته مائٽن کان جاني خطري سبب کيس ۽ سندس مڙس کي تحفظ فراهم ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 28

واري ڪيس ۾ اي سيڪشن پوليس هٿان حيدرآباد مان گرفتار. تنڊوالهيار شهر جي محمودآباد ڪالوني جي رهواسي غلام حسين آرائين کي ڪروڙين روپين جا جعلي چيڪ ڏئي فراڊ ڪرڻ جو ڪيس تنڊوالهيار جي اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل هو عدالت ۾ پيش نه ٿيڻ تي سندس خلاف گرفتاري جا وارنٽ پڻ تنڊوالهيار جي عدالت پاران جاري ڪيل هئا جنهن ۾ سول اسپتال جو اڳوڻو اڪائونٽنٽ سجاد عالماڻي روپوش هو جنهن کي سندس حيدرآباد واري رهائش گاهه تان تنڊوالهيار پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته ڏيک معلوم ٿيو آهي ته سجاد عالماڻي مختلف ڪاروباري ڌرين کان علاوه وياج خورن کي به ڪروڙين روپين جا چيڪ ڏئي ڪروڙين روپيا ورتا آهن اهي ڌريون به پهنجا پهنجا چيڪ کڻي تنڊوالهيار جي اي سيڪشن ٿاڻي تي پهتل آهن.

بقايا عوامي سوچ 29

رڳن کي بيهي ڪري سفر ڪرڻو پوي ٿو حڪومت کي گهرجي ته عوامي سهولتن لاءِ پيپلز بسون وڌايون وڃن اهڙي خيالن جو اظهار پاڪستان نظام مصطفي سوشل ويلفيئر ايسوسي ايشن جي چيئرمين امام الدين شيخ تنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته تنڊوالهيار کان حيدرآباد ويندڙ پيپلز بس ۾ عوام جي رش وڌي وڃڻ ڪري سفر دوران تمام گهڻيون پريشانيون ٿي رهيون آهن ان کان علاوه ڇنڇر ۽ آچر تي بسون گهٽ ڪري ڇڏيون وڃن ٿيون جنهنڪري پڻ عوام پريشان ٿئي ٿي هن وزيراعلي سنڌ . ٽرانسپورٽ جي وزير سميت اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته شهرين جي پريشاني کي مدنظر رکندي پيپلز بسن جي تعداد ۾ اضافو ڪيو وڃي جيئن غريب عوام سفر دوران پريشاني کان بچي سگهي

بقايا عوامي سوچ 30

هن وقت تائين وياج سميت اڌ رقم به قسطن ۾ ادا ڪري چڪو آهيان باقي هن جا هڪ لک پنجويهه هزار روپيه ٽين ٽا مون چيو منهنجو سون مونکي واپس ڏي تنهنجي رقم توکي ڏيان ٿو پر ڊاڪٽر نارائڻ مونکي رڳي آسرا ڏئي رهيو آهي منهنجو ست تولا سون مونکي واپس ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي هن وڌيڪ چيو ته مون چڱن مٺن کي پڻ دانهون ڏنيون آهن سڀ ائين ٿا چون ته ڊاڪٽر نارائڻ جو ڪم ئي وياج تي پئسا ڏيڻ ۽ پوءِ ماڻهن کي بليڪ ميل ڪري گروي رکيل سون هڙپ ڪري ڇڏڻ آهي ڪيترن ماڻهن سان ٺڳيون ڪيون اٿس هن آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کي اپيل ڪئي ته وياج خور ڊاڪٽر کان سندس سون واپس ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا عوامي سوچ 31

نااهلي ۽ ڌوهارين خلاف اثرائتي ڪارروائي نه ٿيڻ سبب شهرين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي جڏهن ته روزانو ڦرون چوريون ۽ موٽر سائيڪل ڦر جا واقعا معمول بڻجي ويا آهن رات دير سان قمبر _شهدادڪوٽ باءِ پاس وٽ هٿيارٻندن نوجوان فهد مگسي کي روڪي يرغمال بڻايو ۽ ڪانٽس موٽر سائيڪل، هزارين رپيا روڪ رقم ۽ آئي فون 17 پرو ميڪس ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا. واقعي کان پوءِ علائقي ۾ خوف جي لهر پکڙجي وئي آهي، جڏهن ته سوين شهرين قمبر شهدادڪوٽ روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن ڪري گاڏين جون قطارون بيهجي ويون ان موقعي تي شهرين چيو ته ماڻهو ڏينهن توڙي رات پنهنجي گهرن کان ٻاهر نڪرڻ وقت به پاڻ کي محفوظ نٿا سمجهن. ڪيترائي شهري شام ٿيندي ئي گهرن تائين محدود ٿيڻ تي مجبور آهن. شهرين چيو ته قمبر ۾ مسلسل ڦرن ۽ چورين باوجود پوليس ڌوهارين کي روڪڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي، جنهن سبب ڌوهارين جا حوصلا وڌي رهيا آهن ۽ عام ماڻهو عدم تحفظ جو شڪار بڻجي رهيا آهن. شهرين اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته قمبر ۾ امن امان جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي، باءِ پاس سميت شهر جي اهم رستن تي پوليس گشت وڌايو وڃي ۽ فهد مگسي کان ٿيل ڦر سميت تازن واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي. شهرين جو چوڻ هو ته جيڪڏهن امن امان جي صورتحال تي فوري ڌيان نه ڏنو ويو ته قمبر ۾ خوف جي فضا وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿي.

بقايا عوامي سوچ 32

مبينا لاپرواهي بابت شفاف جاچ جو مطالبو ڪوٽڙي سائيٽ واري علائقي ۾ منشيات جي مبينا وڪري بابت مقامي ماڻهن ۾ ڳڻتي وڌي رهي آهي. جيڪڏهن پوليس اهلڪارن ۽ منشيات فروشن وچ ۾ ڪنهن قسم جا غيرقانوني معاملا يا سهڪار جا الزام سامهون اچي رهيا آهن ته انهن جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ٿيڻ گهرجي. ايس ايس پي جامشورو ۽ لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو آهي ته ڪوٽڙي سائيٽ جي منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن پوليس اهلڪار تي منشيات فروشن سان ملي ڀڳت جا الزام آهن ته ان بابت آزادانه انڪوائري ڪرائي وڃي. عوام جو سوال آهي ته جيڪڏهن منشيات جو ڪاروبار جاري هجي ته ان کي روڪڻ جي ذميواري ڪنهن جي آهي سنڌ پوليس جي پنهنجي هدايتن موجب منشيات فروشي سميت منظم ڏوهن خلاف سنجيده ڪارروائي ڪرڻ ضروري آهي. مطالبا_ ڪوٽڙي سائيٽ ۾ منشيات فروشي خلاف ٽارگيٽڊ آپريشن ڪيو وڃي. _ مبينا پوليس_منشيات فروش گٺ جوڙ جي شڪايتن جي غيرجانبدار جاچ ڪئي وڃي. _ گرفتار ٿيل منشيات فروشن خلاف ڪيسن جي قانوني ڪارروائي ۽ نتيجن کي سامهون آندو وڃي. _ شڪايت ڪندڙ شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. جاچ جو ذميوار آفيسر مقامي پوليس کان الڳ رکيو وڃي ته جيئن شفافيت برقرار رهي. ايس ايس پي جامشورو کي نوٽيس وٺڻ گهرجي.

بقايا عوامي سوچ 33

ي عيوض فلاحي پلاٽ کي غيرقانوني طور قبضو ڪري ورتو.ذريعن موجب اخوت نگر سوسائٽي جي سيڪريٽري الطاف شيخ تي الزام آهي ته هن ذاتي مفاد ۽ لالچ تحت پلاٽن جي الاٽمينٽ ۾ نه صرف فرضي ماڻهن جا نالا شامل ڪيا پر ڪجهه فوت ٿي ويل ماڻهن جا نالا به رڪارڊ ۾ درج ڪري ڇڏيا.جڏهن ته سرڪاري ڊاڪٽر ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري فلاحي پلاٽ کي پنهنجي ڪاروباري مقصدن لاءِ ڪمرشل ڪرائڻ کان سواءِ رجسٽرار جي دفتر کان اجازت نامو وٺڻ کان سواءِ پنهنجو ترقياتي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، هن غيرقانوني ڪم کي تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ علائقي ۽ آس پاس جي ڌوهارين جي مدد ورتي پئي وڃي، وڌيڪ معلوم ٿيو آهي ته 8 سال اڳ انتقال ڪري ويل گل منير ميراڻي کان علاوه ٻين به اهڙن ماڻهن جا نالا شامل ڪيا ويا آهن جيڪي هڪ سرڪاري ڊاڪٽر جا ذاتي ملازم آهن. جن کي هن الاٽمينٽ جي خبر تائين ناهي،ذريعنير ميراڻي جو نالو ظاهر ڪيو ويو آهي جيڪو 8 سال اڳ انتقال ڪري چڪو آهي،هن معاملي ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽي جي ڪجهه آفيسرن جي ملوث هجڻ جا به ثبوت سامهون آيا آهن،رجسٽرار نويد عباسي، اسسٽنٽ رجسٽرار آغا فرحان ۽ ٻيا بااثر ماڻهو به هن مبينا ڪرپشن نيٽ ورڪ جو حصو آهن،اهو به ٻڌايو پيو وڃي ته فريندز ڪوآپريٽو سوسائٽي جي سيڪريٽري ۽ لاڳاپيل آفيسرن مبينا طور ساڍا ست ڪروڙ روپيا ڪميشن طور وصول ڪري جعلي الاٽمينٽ کي ممڪن بڻايو،ٻئي پاسي رجسٽرار آفيس ۾ هن معاملي تي اعتراض داخل ڪيا ويا آهن ۽ لاڳاپيل رڪارڊ عدالت ۾ به پيش ڪيو ويو آهي، تنهن هوندي به عملي ڪارروائي نه ٿيڻ تي سوال اٿي رهيا آهن.شهر واسين۾ ڳڻتي جي لهر وڌيڪ وڌي وئي،جڏهن اطلاعون سامهون آيون ته فلاحي پلاٽن تي غيرقانوني اڏاوتون ۽ مرمتي ڪم جاري آهن. جڏهن ته ضلعي انتظاميه انهن کي روڪڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي، شهري حلقن هن معاملي جي شفاف جاچ ۽ ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي ته جيئن فلاحي منصوبن جي نالي تي ٿيندڙ مبينا ڪرپشن جو خاتمو آڻي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 34

تي. علائقي واسين پاران بار بار شڪايتن باوجود انتظاميا طرفان اڃا تائين ڪو اثرائتو قدم نه کنيو ويو. انتظاميا کان سڌو سوال: بار بار شڪايتن باوجود غيرقانوني رڪشا اسٽاپ خلاف ڪارروائي ڇو نٿي ڪئي وڃي؟ عوام کي ٽريفڪ جي تڪليف مان آخر ڪڏهن ڇوٽڪارو ڏياريو ويندو؟ عوامي مطالبو: غيرقانوني رڪشا اسٽاپ جو فوري نوٽيس وٺي، ٽريفڪ جي رواني بحال ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف ضابطي موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

جنگشاهي ڄام عبدالڪريم جوکيو خلاف علي حسن زهري جي مبينا بيان تي احتجاج

سردار ڄام عبدالڪريم بجار خان جوکيو خلاف علي حسن زهري جي مبينا بيانن ۽ تنقيدي زبان جي مذمت ڪندي جنگشاهي شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

جنگشاهي بس اسٽاپ کان جنگشاهي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

جنهن جي اڳواڻي اڳوڻي يوسي ناظم بشير احمد جوکيو، يوسي ڪوهستان جي چيئرمين بابو غلام مصطفيٰ جوکيو ۽ ٻين ڪئي

جنگشاهي (رپورٽر) جنگشاهي ڄام عبدالڪريم جوکيو خلاف علي حسن زهري جي مبينا بيان تي احتجاج، مڪلي ۽ ٺٽي تائين احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو اعلان يوسي جنگشاهي ۽ يوسي ڪوهستان سان تعلق رکندڙ مختلف برادرين جي سوين ره/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

اسلام ڪوٽ ۾ ڪاشي فلورمل کي اچانڪ باهه لڳڻ سبب ڏيڍ ڪروڙ رپين کان مٿي جو نقصان ٿي ويو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ امان الله هنگورجو) اسلام ڪوٽ ۾ ڪاشي فلورمل کي اچانڪ باهه لڳڻ سبب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

دادو: ڳوٺ مونڌر جي پرائمري اسڪول ۾ استادن جي کوٽ ٻار تعليم کان محروم

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو لڳ ڳوٺ مونڌر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ استادن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

آر ايڇ سي وَرَ ۾ بنيادي سهولتن جو بحران، ڊي سي ٺٽو جا واعدا اڃا تائين پورا نه ٿيا

اڃا تائين ٻئي سهولتون فراهم نه ٿي سگهيون آهن. آر ايڇ سي وَرَ جي موجوده ايمبولينس انتهائي خراب حالت ۾ آهي

1122 جي سهولت موجود نه هجڻ سبب مريضن کي ذاتي گاڏين، سوزوڪي يا ڪارن ذريعي اسپتال منتقل ڪرڻو پوي ٿو

جيڪو ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. دوري دوران ڊاڪٽرن ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي کوٽ ختم ڪرڻ جي پڻ خاطري ڪرائي وئي هئي

گهوڙا ٻاري (شاه خالد ڏاتاري) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي آر ايڇ سي وَرَ جي دوري کي لڳ ڀڳ ڏيڍ کان ٻن مهينن جو عرصو گذري چڪو آهي. دوري دوران اسپتال لاءِ نئين ايمبولينس ۽ وَرَ ۾ ريسڪيو 1122 اسٽيشن قائم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

شاهد چانديو قتل ڪيس جا ٻه جوابدار گرفتار

شاهد چانديو کي قتل ڪري فرار ٿيندڙ ٻن جوابدارن کي ٺٽو پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي

پوليس ٽيم کي شاباش ڏيندي بهترين ڪارڪردگي تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي

گهوڙا ٻاري (سيد شاه خالد ڏاتاري) شاهد چانديو قتل ڪيس جا ٻه جوابدار گرفتار چار ڏينهن اڳ ور ۾ زميني تڪرار تان فائرنگ ڪري شاهد چانڊي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ايم پي اي راڻا هميرسنگهه سوڍو پاران ٿرپارڪر جي امديڪيٽ جي ٽيسٽ مان پهرين پوزيشن حاصل ڪندڙ 3 شاگردن کي مبارڪون

ماضي ۾ ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ضلعن کي پوئتي پيل سمجهي ويندو هو ۽ تعليم، صحت، پاڻي، بجلي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون نه هيون: هميرسنگهه

15 سالا پ پ پ جي سنڌ ۾ حڪمراني دوران بنيادي سهولتون حاصل هجڻ جون اهي شاهديون آهن

اڄ هنن علائقن جا ذهين شاگرد پوزيشن حاصل ڪري پاڪستان سنڌ ۽ ٿرپارڪر جو نالو روشن ڪري رهيا آهن

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) ايم پي اي راڻا هميرسنگهه سوڍو پاران ٿرپارڪر جي امديڪيٽ جي ٽيسٽ مان پوري صوبي سنڌ مان ٻي پوزيشن ۽ ضلع ٿرپارڪر مان پهرين پوزيشن حاصل ڪندڙ 3 شاگردن راڪيش ميگهواڙ، جٿيا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

مٺي جي لوهار محلي جي رهاڪو پوجي ميگهواڙ ۽ سنڌس زال جهمون، ڀڳت کيمون ۽ مڏن پريس ڪلب مٺي اڳيان احتجاج

سنڌس پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ ۽ ذهني دٻاءُ کان تنگ اچي ڪراچي ۾ مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي

پر پوليس ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن الزام هنيو ته سنڌس پٽ کي ونود ڏرماڻي، دسرت پرمار، ڪمليش پاٻوهر ۽ ٻيا ملوث آهن

جيڪي موبائيل نمبرن تان مسلسل بليڪ ميل ڪري ذهني طور پريشان ڪندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ هن 29 جون تي انتهائي قدم کنيو

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) مٺي جي لوهار محلي جي رهاڪو پوجي ميگهواڙ ۽ سنڌس زال جهمون، ڀڳت کيمون ۽ مڏن پريس ڪلب مٺي اڳيان ڪلهه اٺين ڏينهن تي به احتجاج ڪيو هنن جو چوڻ آهي ته سنڌس پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

اسان جي پٽ سورج جا قاتل گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.
پاران: سورج جا والدين
انصاف ڪيو

اي ايس پي عبدالرب جي ڪليل ڪچهري، شهرين پاران شڪايتن جا انبار

ايس ايس پي ميرپورخاص جي هدايتن تي اي ايس پي عبدالرب پاران ڪليل ڪچهري منعقد ڪئي

عبدالرزاق خاصخيلي عبدالحميد ڪوسو تلوڪچند ڀيل نارائڻ داس پڻ موجود هئا. ڪليل ڪچهري ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت

جتي شهرين صحافين پاران پوليس سان لاڳاپيل مختلف مسئلن، منشيات فروشي، چوري ۽ ٻين معاملن بابت شڪايتون پيش ڪيون ويون

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص جي هدايتن تي اي ايس پي عبدالرب جي ڪليل ڪچهري، شهرين پاران شڪايتن جا انبار ڪوٽ غلام محمد ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص جي هدايتن تي اي ايس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ضلعي دادو جي ڏورانهن ۽ جغرافيائي طور ڏکين علائقن جي رهواسين لاءِ نئين ايمبولينس باقاعده طور حوالي

سول سوسائٽي جي نمائندن، علائقي جي معززن، برادري جي ماڻهن ۽ مقامي ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تقريب ۾ علائقي واسين پاران پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جاويد علي جاگيراڻي جي ان قدم کي ساراهيو

ڏورانهن، پٺتي پيل ۽ صحت جي محدود سهولتن وارن علائقن ۾ طبي خدمتن جي بهتري ۽ واڌاري لاءِ خاص توجهه ڏيڻ هڪ اهم قدم آهي

دادو (رپورٽ محمد رفيق چنه) ضلعي دادو جي ڏورانهن ۽ جغرافيائي طور ڏکين علائقن جي رهواسين لاءِ هنگامي ۽ ريفرل صحت جون سهولتون وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي سلسلي ۾ بي ايڇ يو پلس گوزو کي نئين ايمبولينس باقاعده طور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ايف بي آر جي پوائنٽ آف سيل ٽيڪس خلاف ڊاڪٽرن جو شٽر ڊائون، خانگي اسپتال ۽ ڪلينڪ بند

سول اسپتال روڊ، ورڪشاپ روڊ سميت مختلف علائقن ۾ واقع خانگي ڪلينڪن ۽ اسپتالن جون او پي ڊيز بند رهيون

جنهن ڪري طبي چڪاس لاءِ ايندڙ مريضن کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو

سکر (بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) ايف بي آر پاران خانگي پريڪٽس ڪندڙ ڊاڪٽرن تي پوائنٽ آف سيل ٽيڪس لاڳو ڪرڻ خلاف پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن (پي ايم اي) سکر جي سڏ تي شهر جي خانگي اسپتالن ۽ ڪلينڪن ۾ تالابندي ڪري شٽر ڊائون احتجاج ڪيو ويو. احتجاج سبب سکر شهر جي عيدگاهه روڊ، مياڻي روڊ، ٽير چوڪ، اسٽيڊيم روڊ، سول اسپتال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

28 ۽ 29 سيپٽمبر تي ڳوٺ پارسي فارم پهتي

جتي علائقي واسين کي نادرا سان لاڳاپيل مختلف سهولتون سندن ئي علائقي ۾ فراهم ڪيون ويون

موبائل وين تي علائقي جي ماڻهن نادرا سان لاڳاپيل ڪمن لاءِ رجوع ڪيو

ڏيرو لال (رپورٽ ثاقب نور ساهوال) ڏيرو لعل اسٽيشن لڳ ڳوٺ پارسي فارم ۾ MPA, . مخدوم فخرزمان صاحب ۽ سنڌس ساٿي شمن سهتو جي سهڪار سان، 28 ۽ 29 سيپٽمبر تي ڳوٺ پارسي فارم پهتي. جتي علائقي واسين کي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

گورک هل تان واپس ايندڙ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ملازمن کان هٿيار بندن جي ڦر، مزاحمت تي فائرنگ، 2 ڄڻا زخمي

مزاحمت دوران هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ عبدالله ۽ رمضان سومرو گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا

زخمي ملازمن کي فوري طور تعلقه اسپتال جوهي منتقل ڪيو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) واهي پانڌي- جوهي روڊ تي ڳوٺ بکر شهيد وٽ هٿيار بندن گورک هل اسٽيشن کان واپس ايندڙ سنڌ ايجو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڳوٺ باقر رند جو رهواسي 17 ورهين جو نوجوان بلاول رند ڪڙيو گهنور واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو

وارث ڪيس فوري طور پاڻي مان ڪڍي ڪيس مقامي اسپتال کڻائي ويا

پوليس ضروري قانوني ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

ٽنڊوغلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر جي مويا شهر ويجهو ڳوٺ باقر رند جو رهواسي 17 ورهين جو نوجوان بلاول رند ڪڙيو گهنور واهه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ٿرپارڪر ۾ مندائتا مينهن نه پوڻ سبب ٿر سٽيزن فورم پاران ٿرپارڪر کي ڏڪار ستيل قرار ڏيڻ جو مطالبو

مطالبو سامهون اچڻ بعد مختلف سياسي سماجي اڳواڻ حرڪت ۾ اچي ويا

ٿر کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏيڻ لاءِ سنڌ هائي ڪورٽ ميرپورخاص بينچ ۾ ذاتي حيثيت ۾ پٽيشن داخل ڪري ڇڏي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ٿرپارڪر ۾ مندائتا مينهن نه پوڻ سبب ٿر سٽيزن فورم پاران ٿرپارڪر کي ڏڪار ستيل قرار ڏيڻ جو مطالبو سامهون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڏوڪري پرسان سونهري روڊ جي سي سي بلاڪ ۾ ناقص مٽيريل، وڪ وڪ تي کڏا، شهرين جو احتجاج

علي اڪبر سنديلو، غلام حسين ڪوري، وقار گاڏهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پرسان سونهري روڊ جي سي سي بلاڪ ۾ ناقص مٽيريل، وڪ وڪ تي کڏا، شهرين جو احتجاج. رپورٽ موجب شهر جي اهم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

يوسي جنگشاهي ۽ يوسي ڪوهستان جي سوين رهواسين پاران احتجاج

يوسي ڪوهستان جي چيئرمين بابو غلام مصطفيٰ جوکيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پرامن احتجاج ڪري سخت نعريبازي

ايم اين اي سردار عبدالڪريم جوکيو هڪ بهترين شخصيت جو مالڪ آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ملير ۽ ٺٽي جي وڏي سياسي، سماجي شخصيت، جوکيا برادري جي سردار ايم اين اي سردار ڄام عبدالڪريم بجار خان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

آل سنڌ آبپاشي ٽريڊ يونين فيڊريشن ڊويزن ٺٽي پاران ڪلري بگهار ڊويزن ۾ ملازمن سان ٿيندڙ مبينا ناروا سلوڪ

جلد مرڪزي قيادت سان مشاورت بعد جلد احتجاجي تحريڪ جي شروعات پريس ڪلب ٺٽي کان ڪئي ويندي

جنهن ۾ ڪلري بگهار ڊويزن ٺٽي جا سمورا ملازم ڀرپور نموني شرڪت ڪندا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) آل سنڌ آبپاشي ٽريڊ يونين فيڊريشن ڪلري بگهار ڊويزن ٺٽو پاران پڌرو ڪيو ويو آهي ته آل سنڌ آبپاشي ٽريڊ يونين فيڊريش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

اين سي ايڇ ڊي استادن جون گذريل ٽن مهينن جون پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج

احتجاج دوران استادن "اين سي ايڇ ڊي جي استادن سان انصاف ڪريو" ۽ "پگهارون جاري ڪريو" جا نعرا هنيا

ٽريزري آفيس ۾ هڪ مهيني کان مختلف ٽيبلن تي دربدر ٿي رهيا آهن. پر اڃا تائين پنچ ناهن ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) اين سي ايڇ ڊي استادن جون گذريل ٽن مهينن جون پگهارون جاري نه ٿيڻ ۽ بل ٽريزري آفيس ۾ هڪ مهيني کان دربدر ٿيڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

10 سيپٽمبر کان NCHD استادن جا بل ٽريزري ۾ دربدر آهن!
NCHD

ور شهر واسڻ عورت جو بااثر ماڻهن جي زيادتين توڙي بااثر ماڻهن خلاف احتجاج

گهر تي مبينا طور ڪيل قبضي خلاف ٺٽي ۾ احتجاج، معصوم ٻارڙن سميت پاڻ ساڙڻ جي ڪوشش، انصاف جو مطالبو

سندن اباڻي زمين تي بااثر ماڻهن محمد رحيم آگرن مظهر ۽ اسلم پنجابي، عيسو ڪڙولائي، حسن علي زنڪياڻي ۽ ٻين زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ور شهر واسڻ عورت جو بااثر ماڻهن جي زيادتين توڙي بااثر ماڻهن پاران سندس زمين ۽ گهر تي مبينا طور ڪيل قبضي خلا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ور شهر ۾ شاهدي چانديو قتل ڪيس جا ٻه جوابدار گرفتار زميني تڪرار تان قتل جو ڪيس، جاچ جاري

ڊي ايس پي واحد علي ٿهيم جي سربراهي ۾ ايس ايس پي آفيس ٺٽو ۾ اهم پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

شاهدي چانديو جي قتل واري واقعي بابت پوليس ڪارروائي جا تفصيل ميڊيا آڏو پيش ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ور شهر ۾ شاهدي چانديو قتل ڪيس جا ٻه جوابدار گرفتارزميني تڪرار تان قتل جو ڪيس، پوليس موجب جوابدارن کان وڏي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلعي قيادت ۾ هڪ وفد دادو پريس ڪلب پهتو

صدر نظام شيخ نائب صدر سرور جلال سولنگي، علي گل چنا، ستار شيخ، سخي سردار چارڻ، سليم اختر پنهور سان ملاقات ڪئي

شوڪت ملاح، محرم شينو، شيراز شيخ، ديدار شيخ سميت سيني صحافين جي عيادت ڪئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلعي قيادت امير مولانا غلام مصطفيٰ لاشاري، نعمت الله شاهاڻي، مختيار علي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

گولاڙچي: نينگر شهزاد ڪوسو جي لاش نه ملي، وارثن جو ٽرڪول روڊ تي ڌرڻو

گذريل ڏينهن ڪوسا برادري سان تعلق رکندڙ معصوم نينگر شهزاد ڪوسو پير ترڪڻ سبب واهه ۾ ڪري ٻڏي ويو هو

پر 30 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود نينگر جي لاش جو ڪو پتو نه پئجي سگهيو آهي

نينگر جي لاش جي ڳولا لاءِ فوري طور تي امدادي ڪارروائي تيز ڪئي وڃي ۽ لاش هٿ ڪري وارثن حوالي ڪيو وڃي

گولاڙچي (رپورٽر) گولاڙچي: نينگر شهزاد ڪوسو جي لاش نه ملي، وارثن جو ٽرڪول روڊ تي ڌرڻو گولاڙچي: گذريل ڏينهن ڪوسا برادري سان تعلق رکندڙ معصوم نينگر شهزاد ڪوسو پير ترڪڻ سبب واهه ۾ ڪري ٻڏي ويو هو، پر 30 ڪلاڪن کان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

شهري علي نواز قاضي، ربنواز قاضي، علي غلام قاضي جي نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس

اسان جي سروي زمين جنهن ايراضي اڍائي ڪان ٽي ايڪڙ آهي جيڪا جعلي ايگريمينٽ تحت وڪرو ڪئي وئي آهي اسان کي انصاف ڏنو وڃي

منهنجي مائيٽاڻي زمين اڍائي ڪان ٽي ايڪڙ آهي جنهن جو ڪاتو پڻ رکيل آهي مائيٽاڻي زمين آهي

اسان ڊي سي بدين ۽ ايس ايس پي بدين کان اپيل ٿا ڪريون ته اسان کي انصاف ڏنو وڃيا

بدين (رجب راهمون) جي شهري علي نواز قاضي، ربنواز قاضي، علي غلام قاضي جي نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس، اسان جي سروي زمين جنهن ايراضي اڍائي ڪان ٽي ايڪڙ آهي جيڪا جعلي ايگريمينٽ تحت وڪرو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ٽنڊوالهيار ويجهو نامعلوم ماڻهن 10 ايڪڙن تي بيٺل ڪيلي جي فصل مان لونگر وڍي ڇڏيا متاثرن جو احتجاج

ڪيلي جي فصل ۾ داخل ڪهاڙين سان 10 ايڪڙن تي بيٺل ڪيلي جي فصل ۾ لڳل لونگر وڍي ڇڏيا آهن

جنهن سبب اسان کي 20 کان 25 لک روپين جو نقصان ٿيو آهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ويجهو نامعلوم ماڻهن 10 ايڪڙن تي بيٺل ڪيلي جي فصل مان لونگر وڍي ڇڏيا متاثرن جو احتجاج، خبر موج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ٽنڊوالهيار ويجهو پير ڪاٽي لڳ ڳوٺ مصري شاهه جي رهواسين پاران احتجاج

اسان ڏهه گهنٽا زرعي زمين جو ٽڪرو سوزل. نجب دين. ارشاد علي ڪلوئي کي مقاطعي تي ڏنو

جيڪي هاڻ اسان جي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا جن گذريل ڏينهن اسان جي ٻن عورتن کي گولين ۽ ڪهاڙين هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو

اسان زرعي زمين خالي ڪرڻ لاءِ چيو جنهن تان بااثرن پهرين به اسان تي حملو ڪيو جنهن بعد اسان بکيراشريف ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ويجهو پير ڪاٽي لڳ ڳوٺ مصري شاهه جي رهواسين پاران زرعي زمين جي مامري تي گولين ۽ ڪهاڙيون هڻي عورتن کي زخمي ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي ڳوٺاڻن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

وومين ڊولپمينٽ کاتي پاران شهيد بينظير آباد ۾ صنفي بنياد تي تشدد جي خاتمي بابت آگاهي سيمينار منعقد

مقصد معاشري ۾ عورتن خلاف تشدد جي خاتمي، عورتن جي حقن جي تحفظ ۽ عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ هو

صنفي بنياد تي تشدد جي مختلف قسمن، ان جي سماجي اثرن ۽ ان جي روڪٿام لاءِ حڪومتي ۽ سماجي سطح تي اثرائتن قدمن جي ضرورت تي روشني وڌي

عورتن کي محفوظ، باعزت ۽ برابري وارو ماحول فراهم ڪرڻ معاشري جي گڏيل ذميواري آهي

نوابشاهه (رپورٽر) شهيد بينظيرآباد ۾ عورتن جي ڀلائي واري کاتي پاران سوشل ويلفيئر کاتي ۽ تعليم کاتي جي تعاون سان صنفي بنياد تي تشدد (Gender_Based Violence) خلاف آگاهي سيمينار گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

نوابشاهه: وومين ڊولپمينٽ کاتي پاران شهيد بينظيرآباد ۾ صنفي بنياد تي تشدد جي خاتمي بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو آهي

ميرپورخاص: مائٽن کان جاني خطرو، عورت جو تحفظ لاءِ احتجاج

ميرپورخاص (رپورٽر) عائشه ڌيءُ خميسو مهر ايوان صحافت ميرپورخاص پهچي پريس ڪانفر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

جعلي چيڪ ڪيس ۾ ٽنڊوالهيار سول اسپتال جو اڳوڻو اڪائونٽنٽ گرفتار

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار سول اسپتال جو اڳوڻو اڪائونٽنٽ سجاد عالماڻي جعلي چيڪ ڏيڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد تائين هلندڙ پيپلز بس ۾ وڌندڙ سوارين جي ڪري عورتن ۽ بزرگن کي پريشاني جو منهن ڏسڻو پوي ٿو

رش هجڻ جي ڪري عورتن کي مردن جي وچ ۾ ايڊجسٽ ڪري ويهاريو وڃي ٿو ۽ بزرگن کي بيهي ڪري سفر ڪرڻو پوي ٿو

ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد ويندڙ پيپلز بس ۾ عوام جي رش وڌي وڃڻ ڪري سفر دوران تمام گهڻيون پريشانيون ٿي رهيون آهن

ان کان علاوه ڇنڇر ۽ آچر تي بسون گهٽ ڪري ڇڏيون وڃن ٿيون جنهنڪري پڻ عوام پريشان ٿئي ٿي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد تائين هلندڙ پيپلز بس ۾ وڌندڙ سوارين جي ڪري عورتن ۽ بزرگن کي پريشاني جو منهن ڏسڻو پوي ٿو ۽ رش هجڻ جي ڪري عورتن کي مردن جي وچ ۾ ايڊجسٽ ڪري ويهاريو وڃي ٿو ۽ بز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ماتلي جو رهواسي وياج خور کان تنگ اچي سنڌ پريس ڪلب ماتلي پهچي ويو

مون ٽي سال پهرين ڊاڪٽر نارائڻ وٽ ست تولا سون گروي رکي اڍائي لک روپيه وياج تي کنيا هئا

مون ٽي سال پهرين ڊاڪٽر نارائڻ وٽ ست تولا سون گروي رکي اڍائي لک روپيه وياج تي کنيا هئا

مون چيو منهنجو سون مونکي واپس ڏي تنهنجي رقم توکي ڏيان ٿو پر ڊاڪٽر نارائڻ مونکي رڳي آسرا ڏئي رهيو آهي

ماتلي (رپورٽر) ماتلي جو رهواسي وياج خور کان تنگ اچي سنڌ پريس ڪلب ماتلي پهچي ويو ميڊيا سان ڳالهائيندي زوهيب حسن ميمڻ چيو ته مون ٽي سال پهرين ڊاڪٽر نارائڻ وٽ ست تولا سون گروي رکي اڍائي لک روپيه وياج تي کنيا هئا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ماتلي جو رهواسي وياج خور کان تنگ اچي سنڌ پريس ڪلب ماتلي پهچي ويو

قمبر مان امن جو پکي اڏامي ويو، شهري غير محفوظ بڻيل

قمبر (رپورٽر) قمبر ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي پوليس جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ منشيات جو وڪرو جاري، مقامي رهواسين ۾ ڳڻتي جي لهر

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪير ڪندو؟ پوليس جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

سکر اخوت نگر سوسائٽي ۾ فلاحي پلاٽن جي غيرقانوني وڪري ۽ جعلي الاٽمينٽ جو هڪ وڏو اسڪينڊل سامهون

اخوت نگر سوسائٽي جي سيڪريٽري الطاف شيخ سان ملي ڀڳت ڪري ڪروڙين روپيا معاوضي عيوض فلاحي پلاٽ کي غيرقانوني طور قبضو ڪري ورتو

هن ذاتي مفاد ۽ لالچ تحت پلاٽن جي الاٽمينٽ ۾ نه صرف فرضي ماڻهن جا نالا شامل ڪيا پر ڪجهه فوت ٿي ويل ماڻهن جا نالا به رڪارڊ ۾ درج ڪري ڇڏيا

سکر (رپورٽر) سکر اخوت نگر سوسائٽي ۾ فلاحي پلاٽن جي غيرقانوني وڪري ۽ جعلي الاٽمينٽ جو هڪ وڏو اسڪينڊل سامهون، جنهن ۾ ڪروڙين روپين جي مبينا ڪرپشن جو انڪشاف، تفصيل موجب سکر ۾ هڪ سرڪاري ملازمت ڪندڙ ڊاڪٽر، فرينڊز ڪوآپريٽو سوسائٽي / اخوت نگر سوسائٽي جي سيڪريٽري الطاف شيخ سان ملي ڀڳت ڪري ڪروڙين روپيا معاوض/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

ڪوٽڙي سائيٽ: بهار ڪالوني، ريشم گلي پرسان غيرقانوني رڪشا اسٽاپ، ٽريفڪ جام معمول بڻجي ويو

بهار ڪالوني جي ريشم گلي پرسان مبينا غيرقانوني رڪشا اسٽاپ سبب رش وارن وقتن ۾ ٽريفڪ جام ٿي وڃي ٿي

علائقي واسين پاران بار بار شڪايتن باوجود انتظاميا طرفان اڃا تائين ڪو اثرائتو قدم نه کنيو ويو

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي سائيٽ: بهار ڪالوني، ريشم گلي پرسان غيرقانوني رڪشا اسٽاپ، ٽريفڪ جام معمول بڻجي ويو بهار ڪالوني جي ريشم گلي پرسان مبينا غيرقانوني رڪشا اسٽاپ سبب رش وارن وقتن ۾ ٽريفڪ جام ٿي وڃي ٿي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34